سال (18) اربع 19 آگسٽ 2026ع 05 ربيع الاول 1448هہ صفحا 16 - ملهہ 30 روپيہ شمارو (327)

ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) اربع 19 آگسٽ 2026ع 05 ربيع الاول 1448هہ صفحا 16 - ملهہ 30 روپيہ شمارو (05)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

Wednesday 19th August 2026

سال (18) اربع 19 آگسٽ 2026ع 05 ربيع الاول 1448هہ صفحا 16 - ملهہ 30 روپيہ شمارو (327)

Daily Ibrat Karachi

عمران خان کي خانگي اسپتال منتقل ڪرڻ جو حڪم، پي ٽي آءِ اڳوڻي وزيراعظم جي صحت تي سياست نہ ڪري: سپريم ڪورٽ

سپريم ڪورٽ جي ٽي رڪني بئنچ اڳوڻي وزيراعظم ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي باني عمران خان کي اسلام آباد جي خانگي اسپتال شفا انٽرنيشنل منتقل ڪرڻ جو حڪم ڏنو

عمران خان کي اسپتال منتقل ڪرڻ ڪانپوءِ سندس ذاتي ڊاڪٽر فيصل ۽ سندس ڀيڻ عظميٰ خان بہ عمران خان سان گڏ هوندي، ڪنهن بہ جوابدار کي صحت بابت بنيادي حق حاصل آهي: عدالت عظميٰ

عمران خان جي صحت بابت هڪ ميڊيڪل بورڊ بہ جوڙڻ جو حڪم، درخواستن جي ايندڙ ٻڌڻي 16 سيپٽمبر مقرر، عمران خان جي علاج تي ايندڙ سمورا خرچ سندس خاندان ادا ڪندو

عمران خان کي اسپتال منتقل ڪيو وڃي تہ اتي امن امان جي صورتحال ۾ ڪو خلل پيدا نہ ٿيڻ گهرجي، رپورٽ ۾ اينگزائٽي (بي چيني) جو ليول ٿي پلس بيان ڪيو ويو آهي، جنهن کي نهايت شديد سمجهيو ويندو آهي

اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جو آخري ڀيرو طبي معائنو 10 آگسٽ 2026 تي ميڊيڪل بورڊ ڪيو هو ۽ هن ميڊيڪل بورڊ ۾ اکين، دل جي بيمارين ۽ ميڊيسن جي ماهر ڊاڪٽرن کي شامل ڪيو ويو هو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سپريم ڪورٽ جي ٽي رڪني بئنچ اڳوڻي وزيراعظم ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي باني عمران خان کي اسلام آباد جي خانگي اسپتال شفا انٽرنيشنل منتقل ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي جڏهن تہ ڪنهن بہ جوابدار کي صحت بابت بنيادي حق حاصل آهي عدالت عمران خان جي صحت بابت هڪ ميڊيڪل بورڊ جوڙڻ جو حڪم بہ ڏنو آهي جڏهن تہ عدالت جو چوڻ آهي تہ عمران خان کي اسپتال منتقل ڪرڻ ڪانپوءِ سندس ذاتي ڊاڪٽر فيصل ۽ سندس ڀيڻ عظميٰ خان بہ عمران خان سان گڏ هوندي سپريم ڪورٽ جو چوڻ آهي تہ ميڊيڪل بورڊ ۾ عمران خان جي ذاتي ڊاڪٽر فيصل ۽ ڊاڪٽر عظميٰ خان بہ شامل

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪنهن بہ ڀارتي فوجي مهم جو مضبوط، فيصلائتو ۽ غير متناسب جواب ڏنو ويندو: پاڪ فوج

نام نهاد آپريشن سندور تي ٺاهيل ڀارتي ڊاڪيومينٽري حقيقتن بدران ڊرامائي جوڙجڪ، جذباتي بيانيي ۽ بالي ووڊ جي منظرڪشيءَ تي ٻڌل آهي، دشمن جي حرڪتن کان واقف آهيون

نام نهاد آپريشن سندور، ڀارتي ڊاڪيومينٽري حقيقتن بدران ڊرامائي جوڙجڪ، جذباتي بيانيي ۽ بالي ووڊ جي منظرڪشيءَ تي ٻڌل آهي، ڀارت زميني حقيقتون تسليم ڪرڻ کان انڪاري آهي

موجوده بنيادي تڪرار پاڻ ڀارتي بيانيي جي ڪمزوريءَ کي بي نقاب ڪري ٿو، ڊاڪيومينٽري پاڻ تسليم ڪري ٿي تہ جنگي ڪارروايون ٻنهي ملڪن جي ڊي جي ايم اوز جي رابطن ۽ گڏيل اتفاق سان بند ٿيون

ڀارتي فوجي قيادت پاڻ پاڪستاني ميزائل، ڊرون ۽ فضائي سرگرمين سميت لائن آف ڪنٽرول تي مسلسل چڪرين ۽ ڀارتي فضائي دفاعي نظام جي فعاليت جو اعتراف ڪري ٿي

ڪا سئنيمائي منظرڪشي واقعن جي ترتيب، جهازن جي نقصان، فوجي جاني نقصان ۽ حقيقي عسڪري ڪارروائين کي تبديل نٿي ڪري سگهي، مصنوعي بيانيو بڻائڻ جي ضرورت ناهي

ڀارت جي دعويٰ آهي تہ پهلگام جا 3 مبينہ ذميدار 28 جولاءِ 2025ع تي ماريا ويا، جيڪڏهن مبينا ذميدار 28 جولاءِ تي ماريا ويا تہ ڀارت واضح ڪري تہ 7 مئي 2025ع تي ڪنهن کي سزا ڏيڻ جي دعويٰ ڪئي وئي هئي

راولپنڊي (اي پي پي) پاڪ فوج جي سڌ سماءَ واري شعبي آءِ ايس پي آر چيو آهي تہ حق جي ويڙهہ کي هڪ سال کان وڌيڪ عرصو گذرڻ باوجود ڀارت زميني حقيقتون تسليم ڪرڻ کان انڪاري آهي، نام نهاد آپريشن سندور تي ٺاهيل ڀارتي ڊاڪيومينٽري حقيقتن بدران ڊرامائي جوڙجڪ، جذباتي بيانيي ۽ بالي ووڊ جي منظرڪشيءَ تي ٻڌل آهي، آئينده ڪنهن بہ

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

پاڪستان انسانيت لاءِ عملي قدم کڻندڙ ملڪن ۾ سرفهرست آهي: وزيراعظم

عالمي برادري ۾ ضرورتمندن سان يڪجهتي ۽ تعاون جي هڪ ڊگهي ۽ قابل فخر روايت رکندڙ ملڪ آهي

آئيني قدرن جي رهنمائي ۾ پاڪستان امن ۽ بحران هر صورتحال ۾ انسانيت جي اعليٰ قدرن سان گڏ بيٺل رهندو

ان ڳالهہ کي يقيني بڻائڻ لاءِ ڪوششون ڪنداسين تہ ڪمزور طبقن کي تحفظ، معاونت ۽ باوقار زندگي گذارڻ جا موقعا ميسر هجن

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف خدمت خلق، انساني همدرديءَ انساني عزت ۽ وقار ۽ يڪجهتي جهڙن مثبت قدرن سان وابستگي جي عزم جو ورجاءُ ڪندي چيو آهي تہ پاڪستان عالمي سطح تي انسانيت جي لاءِ عملي قدم کڻندڙ ملڪن ۾ سرفهرست ۽ عالمي برادري ۾ ضرورتمندن سان يڪجهتي ۽

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

بلوچستان جي مختلف علائقن ۾ سيڪيورٽي فورسز جو آپريشن، 9 جوابدار مارجي ويا

آپريشن ردالفتنہ-3 تحت بلوچستان جي مختلف علائقن ۾ دهشتگردن خلاف ڪارروايون ڪيون ويون

سيڪيورٽي فورسز دشت ڪنائي ۽ حاجيڪ رڄ ۾ اثرائتي ناڪابندي قائم ڪئي ۽ دهشتگردن جي چرپر جو پتو لڳايو

مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان ايمونيشن، ميگزين، دستي بم، واڪي ٽاڪي، موٽر سائيڪل ۽ ٻيو سامان هٿ

اسلام آباد (اي پي پي) آپريشن ردالفتنہ-3 تحت بلوچستان جي مختلف علائقن ۾ دهشتگردن خلاف سيڪيورٽي فورسز جون ڪامياب ڪارروايون جاري آهن سيڪيورٽي فورسز زيارت، هرنائي ۽ سوراب ۾ دهشتگردن خلاف ڳجهي اطلاع جي بنياد تي آپريشن دوران 9 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو سيڪيورٽي ذريعن موجب

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: قانون واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ جي صدارت ۾ ڪيسن جي اڪلاءَ بابت ڪيبينيٽ ڪميٽي جي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

ڪڻڪ ذخيري جي حد ٽن مهينن تائين ڪرڻ، اٽي جي قيمت 112 رپيا في ڪلو برقرار رکڻ جو فيصلو

2026 لاءِ سنڌ ۾ ڪڻڪ جي ڪل دستيابي 4.84 ملين ميٽرڪ ٽن آهي، ذخيرو ٿيل ڪڻڪ جا ذخيرا گهٽجي 7 ملين ميٽرڪ ٽن ٿي ويا آهن: شرجيل ميمڻ

پاسڪو 223455 ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ فراهم ڪندو، ڪابينا 25 ايڪڙ زمين رکندڙ ڪڻڪ جي آبادگارن لاءِ بي آءِ بي سبسڊي پيڪيج جي بہ منظوري ڏني آهي

آبادگارن کي پهرين مرحلي ۾ 45 ارب رپين جي سبسڊي ڏني وئي هئي، جڏهن تہ هاڻي 20 ارب رپين جي سبسڊي ڏني پئي وڃي

خالد مقبول صديقي ۽ مصطفيٰ ڪمال سياسي طور تي ختم ٿي چڪا آهن ۽ جاتي واري چڙ ڏياريندڙ ڳالهيون ڪيون پيون وڃن

ڪراچي (رپورٽ : راهب گاهو) سنڌ ڪابينا فلور ملز لاءِ ڪڻڪ جي ذخيري جي حد هڪ مهيني کان وڌائي ٽن مهينن تائين ڪرڻ، اٽي جي قيمت 112 رپيا في ڪلوگرام برقرار رکڻ ۽ بي آءِ ايف ٽي اي سي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

سرجاني ٽائون ۾ پوليس مقابلو، هڪ جوابدار مارجي ويو

جوابدار وٽان هٿيار ۽ بارود، موبائل فون ۽ استعمال هيٺ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي

ٻه هٿياربند جوابدار ٻن موٽرسائيڪلن تي سوار هئا: ايس ايس پي ويسٽ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سرجاني ٽائون جي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

قتل بالسبب جي ڪيس ۾ جوابدار انمول عرف پنڪي تي فرد جرم لاڳو

ٻڌڻي دوران جوابدار عورت کي وڊيو لنڪ ذريعي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊسٽرڪٽ اينڊ

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

وسيلا ۽ کيسي ۾ پئسا نہ هجن تہ گهر نٿو ٺاهي سگهجي: مولانا فضل الرحمان

اڳوڻي وزيراعظم عمران خان کي اسپتال منتقل ڪرڻ بابت سپريم ڪورٽ جي فيصلي تي ردعمل ظاهر

عمران خان بابت فيصلو اچي ويو آهي، اهو گهڻو اڳ اچي وڃڻ گهرجي ها، احتجاج جاري رکندو آهي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي سربراهہ مولانا فضل الرحمان پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي باني ۽ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان کي اسپتال منتقل ڪرڻ بابت سپريم

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: برساتي پاڻي مان موٽر سائيڪل سوار ۽ نوجوان گذري رهيا آهن

ٿر ڪول سستي توانائي جي فراهمي جو اهم ذريعو آهي: بئريسٽر راجا خليق الزمان

ٿر ڪول توانائي جي تحفظ ۽ ملڪ جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري پيو

مقامي ماڻهن کي روزگار ۽ ماحولياتي تحفظ لاءِ کنيل قدم خوش آئند آهن

اسلام ڪوٽ (رپورٽ:سڪندر علي بجير) وفاقي حڪومت جي سنڌ لاءِ ترجمان بئريسٽر راجا خليق الزمان انصاري ٿر ڪول بلاڪ ٽو جو دورو ڪيو جتي سنڌ اينگرو ڪول مائننگ ڪمپني جي جنرل مئنيجر آپريشنز اينڊ مينٽيننس قمر جليل ڪيس منصوبي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني بئريسٽر راجا خليق الزمان

سنڌ کي انتظامي بنيادن تي ورهائڻ جي تجويز کي سنڌ جي وجود، وحدت ۽ تاريخ لاءِ خطرو قرار

سنڌ کي ٽوڙڻ جون ڪوششون ڪنهن بہ صورت ۾ قبول نہ ڪيون وينديون، سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ ئي رهندي: ساجاهہ وند

پاڪستان قرضن ۾ ٻڏل، خساري جو شڪار ۽ معاشي طور تباهہ حال آهي، ٻيو بہ نوان صوبا ٺاهڻ جون ڳالهيون ڪيون پيون وڃن: نصير ميمڻ

اسيمبلي جي ٻاهران احتجاج ڪيا وڃن ۽ جدوجهد رڳو تقريرن تائين محدود نہ هجي، عملي قدم کنيا وڃن: قيصر بنگالي

ملڪ ۾ قانون جي بالادستي نظر نٿي اچي، گڊ گورننس ٿالي ماٺ آهي ۽ پاڪستان ۾ ڪا بہ چونڊ مڪمل طور شفاف نہ ٿي آهي: شهاب اوستو

ڪراچي (رپورٽ : راهب گاهو) سنڌ کي انتظامي بنيادن تي ورهائڻ جي تجويز کي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: جاڙي شهر ۾ برسات ڪانپوءِ مختلف علائقن ۾ پاڻي بيٺل آهي

Google
Pakistan
اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف پاڪستان ۾ گوگل جي آفيس جو افتتاح ڪندي

پاسڪو ڪڻڪ جا اسٽريٽجڪ ذخيرا ختم، 10 لک ٽن ڪڻڪ درآمد ڪرڻ جي منظوري

وفاقي ۽ صوبائي حڪومتون گهربل مقدار ۾ ڪڻڪ حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيون: آءِ ايم ايف

سبب پاسڪو وٽ موجود اسٽريٽجڪ ڪڻڪ جا ذخيرا گهٽجي ويا، درآمد کان اڳ ضروري شرطون پوريون ڪرڻ بہ خاطري ڪرائي سگهجي ٿي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ٻاڙائي جو رجحان

ڪي ايس اي 100 انڊيڪس ۾ 2546.94 پوائنٽس جي گهٽتائي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

دهشتگردن جو ڪو رنگ، نسل يا مذهب ناهي هوندو، تشدد ذريعي نظريا مڙهڻ ڪنهن بہ صورت ۾ قابل قبول نہ آهي: وفاقي حڪومت

پاڪستان دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ 90 هزار قيمتي جانين جون قربانيون ڏنيون آهن، قوم، پاڪ فوج ۽ پورو معاشرو دهشتگردن ۽ دنيا جي وچ ۾ مضبوط ڍال آهي

وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن ۽ عوام جي گڏيل ڪوششن سان دهشتگردي جي خاتمي لاءِ موثر قدم کنيا ويا، سياسي پارٽين ۾ اتفاق راءِ هجڻ گهرجي

معرڪ حق دوران پهلگام واقعي ڪانپوءِ ڀارت پاڪستان جي خلاف بي بنياد الزام هڻي اصل جنگ کان اڳ ئي بيانيي جي جنگ شروع ڪري ڇڏي هئي

ڀارت پاڪستان تي سرحد پار دهشتگردي جا الزام هڻي ٿو، پاڪستان پاڻ دهشتگردي جي خلاف جنگ وڙهي رهيو آهي ۽ ان جنگ ۾ وڏو جاني نقصان کڻي چڪو آهي: عطاءُ الله تارڙ

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي تہ دهشتگردن جو ڪو رنگ، نسل يا مذهب ناهي هوندو تشدد جي ذريعي نظريا مڙهڻ ڪنهن بہ صورت ۾ قابل قبول نہ آهي، پاڪستان دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ 90 هزار قيمتي جانين جون قربانيون ڏنيون

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پاڪستان آبزرور جو ايڊيٽر انچيف فيصل زاهد سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني کي گلدستو ڏئي رهيو آهي

2 نوان ڊيم ايندڙ چار سال ۾ مڪمل ڪنداسين: طلال چوڌري

اسان قانونن ۾ تبديلي ڪئي آهي، پاڻي جي سطح گهٽ ٿي رهي آهي

هاڻي رين واٽر ريلز بڻايا پيا وڃن، ان کان سواءِ نقشو ئي منظور نہ ٿا ڪيون

اسلام آباد (اي پي پي) مملڪتي وزير

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

اسحاق ڊار سان فرانسيسي سفير نڪولس گيلي جي الوداعي ملاقات

نڪولس گيلي کي پنهنجون سفارتي ذميواريون مڪمل ڪرڻ تي مبارڪباد

پاڪستان ۽ فرانس جي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ خدمتن کي ساراهيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان فرانسيسي سفير نڪولس گيلي آڳاري

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

سنڌو انڊس لائرز فورم پاران ڪامريڊ آرزو سنڌي جي گمشدگي خلاف احتجاج

وڪيلن پلي ڪارڊ ڪڍي ڪامريڊ آرزو سنڌي جي گرفتاري ۽ گمشدگي خلاف نعريبازي ڪئي

جيڪڏهن آرزو سنڌي کي ڪنهن ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي تہ ڪيس عدالت ۾ پيش ڪريو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌو انڊس لائرز فورم پاران قاضي احمد مان ڪامريڊ آرزو سنڌي کي مبينا طور غيرقانوني طريقي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڊگري ڪاليج سڄاول ۾ 15 ڏينهن اندر تعليمي عمل شروع ڪرڻ جو حڪم

ڪاليج جي هيڊين ماڻ کي مڪمل طور تي تيار ڪري پڙهائيءَ جي قابل بڻايو وڃي: نديم ميمڻ

ميزون، ڪرسيون، ڊيسڪون ۽ ٻيو سامان خريد ڪرڻ جو عمل بہ ترت مڪمل ڪيو وڃي

حيدرآباد ڊويزن جي 72 ڪاليجن ۾ خالي اسامين جو ٽي اشتهار ڏئي ڀرتيءَ شروع ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سيڪريٽري ڪاليجز نديم ميمڻ جي صدارت هيٺ حيدرآباد ڊويزن جي ڪاليجن ۾ پرتين ۽ ميرپور

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

عوامي خدمت پاڪستان پيپلز پارٽي جو مين مقصد رهيو آهي: ملڪ اسد سڪندر

اسان جي وڏي ۾ ڪوشش آهي تہ ٽڪ اندر ٻنهين جي پاڻي جي بهتر رسائي لاءِ ڌيان ڏيون

ڪاٺي واٽرسپلائي اسڪيمون ڏنيون آهن اڃا وڌيڪ اسڪيمن لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون

ڄامشورو (ڊ ر) ڄامشورو سنڌ يونيورسٽي هائوسنگ سوسائٽي فيز ٽو ۾ جوڻيجا هائوس تي جوڻيجا برادري جي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

مير رضا ڪيس جي جاچ، آخري ڪيميائي تجزياتي رپورٽ 17 آگسٽ تي موصول

ڊجيٽل ڪرنسي سان لاڳاپيل معاملن جي جاچ لاءِ اين سي سي آءِ اي سان رابطو

موبائل فون ۽ اسمارٽ واچ جي ڊيٽا جي تجزيي لاءِ پنجاب فرانزڪ ايجنسي سان رابطو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ پوليس جي اعليٰ سطحي جاچ ٽيم پاران تاجر مير رضا ڪيس جي جاچ جو سلسلو جاري آهي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

سپريم ڪورٽ عمران خان جي گهروارن ۽ ڪارڪنن جو جائز مطالبو پورو ڪيو: حليم عادل

عمران خان جي اسپتال منتقلي اونداهي رات ۾ روشني جي هڪ ڪرڻي برابر آهي

اڄ جو ڏينهن الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪرڻ ۽ يوم تشڪر ملهائڻ جو ڏينهن آهي

ڪارڪن ڪو هجوم نہ ڪن جنهن سان خان کي ٻيهر جيل منتقل ڪرڻ جو موقعو ملي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سپريم ڪورٽ جي فيصلي ڪانپوءِ عمران خان کي شفا انٽرنيشنل اسپتال منتقل ڪرڻ بابت پي ٽي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

پيٽروليم ليڪس جي نالي تي عوام جي کيسي تي ڌاڙو هنيو پيو وڃي: منعم ظفر خان

حڪومت 36 آءِ پي پيز ڪمپنين سان ڳالهيون ڪيون، نتيجي ۾ 3600 ارب رپين جو فائدو ٿيو

عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جون قيمتون گهٽ آهن، پر اسان وٽ قيمتون گهٽ نٿيون ٿين

حڪومت ڪي اليڪٽرڪ کي 164 ارب رپين جي سبسڊي فراهم ڪري رهي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي ڪراچي جي امير منعم ظفر خان گورنر هائوس ٻاهران پيٽروليم ليوي ٽيڪس خلاف

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

بنون ۾ تخريبڪاري جو وڏو منصوبو ناڪام، بارودي مواد ناڪارا بڻايو ويو

پشاور (اي پي پي) بنون پوليس فوري

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سينيٽ ۾ مالياتي سال 2025-26ع جون آڊٽ رپورٽون پيش

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ ۾ مالي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

AZADI PLANTATION DRIVE
اسلام ڪوٽ: وزيراعظم جو صلاحڪار راجا خليق الزمان ٻوٽو پوکي رهيو آهي

آبناءِ هرمز بابت ٽرمپ جي غلط فهمي جلد ختم ڪنداسين: ايران جو ردعمل

نائب وزير ڪاظم غريب آبادي آمريڪي صدر طرفان آبناءِ هرمز جي تصوير شايع ڪرڻ تي ردعمل ڏنو

ٽرمپ جي سوچ پاڻمرادو ختم ٿي ويندي يا پوءِ اسان هن ورغلائيندڙ سوچ رکندڙ شخص جي غلط فهمي ختم ڪري ڇڏينداسين

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايران جي نائب

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

سينيٽ معياري وقت (ترميمي) بل 2026ع منظور ڪري ورتو

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ معياري

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

لاهور: وفاقي وزير احسن اقبال تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪراچي: پ پ سنڌ جي صدر نثار کهڙو سان عبرت جو بيورو چيف مجيد عباسي ڳالهائي رهيو آهي، ان موقعي تي سيد معلا شاهہ پڻ موجود آهي

ايران-آمريڪا کي ٻيهر ڳالهين جي ميز تي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي: قطر

ثالثي ڪرائيندڙ ملڪ آبناءِ هرمز بابت ايران ۽ عمان ۾ معاهدي جي اعلان جو انتظار ڪن پيا

دوحا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) قطري پرڏيهي وزارت جي ترجمان ماجد الانصاري چيو آهي تہ ثالث ملڪ آبناءِ هرمز بابت معاهدي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

پ پ رڳو سنڌ نہ پر سڄي ملڪ ۾ چونڊن لاءِ هر وقت تيار آهي: نثار کهڙو

آزاد ڪشمير جي اليڪشن ۾ پ پ کان ٽالي ۾ چونڊون کٽيون ويون آهن، اهو ويو مسلم ليگ ن کي ڏاڍو مهانگو پوندو

بلاول ڀٽو زرداري پرڏيهي وزير جي حيثيت مان دنيا جي 80 کان وڌيڪ ملڪن ۾ ڪشمير جي مسئلي کي اجاگر ڪيو

پارٽي جو هر هڪ ورڪر بلاول ڀٽو سان گڏ آهي، پ پ جنهن وقت بہ اعلان ڪندي تہ عوام جي طاقت سان بلاول ڀٽو وزيراعظم بڻجي ويندو: عبرت سان ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) پ پ سنڌ جي صدر ۽ صوبائي وزير نثار احمد کهڙو چيو آهي تہ پ پ رڳو سنڌ نہ پر سڄي ملڪ ۾ چونڊن لاءِ هر وقت تيار آهي پنهنجي رهائشگاهہ تي سنڌ جي مختلف

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ 25 ايڪڙن تائين زمين رکندڙ ڪڻڪ جي آبادگارن لاءِ سبسڊي پيڪيج جي منظوري

ٽن هارين جي رجسٽريشن، لينڊ ريونيو اختيارين ذريعي تصديق ۽ اڳ ۾ موجود رجسٽريشن جي نئين سر توثيق جي منظوري پڻ ڏني وئي

حڪومت عالمي مارڪيٽ جي بدلاءُ کي ننڍن ۽ وچولي درجي جي آبادگارن تي ناجائز بوجهہ وجهڻ جي اجازت نہ ڏيندي: وڏو وزير مراد علي شاهہ

نوڪوٽ - مٺي - اسلام ڪوٽ - نگرپارڪر - چيلهار واٽر سپلائي سسٽم جي آپريشن ۽ سار سنڀال پبلڪ هيلٿ کاتي کي ڏيڻ

ڪراچي (رپورٽ : راهب گاهو/ مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ اڄ ڏينهن وزيراعليٰ هائوس ۾ صوبائي ڪابينا جي هڪ اجلاس جي صدارت ڪئي جنهن ۾ آبادگارن جي مدد

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ جي صدارت ۾ سنڌ ڪابينا جو اجلاس ٿي رهيو آهي

پي ٽي آءِ قانوني رستو اختيار ڪري ها عمران خان کي رليف اڳ ملي وڃي ها: رانا ثناءُالله

تحريڪ انصاف وڏي دير ڪئي، سڌو رستو اهو ئي هو، تحريڪ انصاف درست فورم تي ڪيس رکيو

پي ٽي آءِ کي گهرجي تہ جڏهن فيصلو پنهنجي پسند جو نہ هجي، تڏهن بہ عدالتن جو احترام ڪري

صوبن جي حوالي سان هن وقت تائين رڳو بحث براءِ بحث ٿي رهيو آهي: وزيراعظم جو سياسي معاملن بابت صلاحڪار

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم جي سياسي معاملن بابت صلاحڪار سينيٽر رانا ثناءُالله عمران خان بابت سپريم ڪورٽ جي فيصلي تي ردعمل ڏيندي چيو آهي تہ سپريم ڪورٽ جو فيصلو آزاداڻي ۽

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ٽائون ڪميٽي ڪيمي جي پار ۾ ٽائون چيئرمين ۽ ٽائون آفيسر وچ ۾ اختلاف

آفيسر اختلافن سبب پي اي سي کي آڊٽ رڪارڊ پڻ فراهم نہ ڪري سگهيا

ٽائون آفيسر پاران ٽائون چيئرمين تي سمورو رڪارڊ پنهنجي تحويل ۾ رکڻ جو الزام

ٽائون چيئرمين ٽائون آفيسر جي مقرريءَ کان خوش نہ آهي: ريجنل ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پي اي سي ۾ عمرڪوٽ ضلعي جي تعلقي ڏاهلي جي ٽائون ڪميٽي ڪيمي جي پار ۾ ٽائون چيئرمين ۽ ٽائون آفيسر وچ ۾ اختلافن سبب ٽائون جا انتظامي معاملا ٺپ ٿيڻ جو

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سردار ياسر الياس وفاقي وزير حنيف عباسي سان ڳالهائي رهيو آهي

گلشن حديد پرسان پريمي جوڙي مٿان فائرنگ، نوجوان ناري مارجي وئي

مڙس اڪبر علي ولد شاهد علي ۽ عمر ولد سميع الله سخت زخمي ٿي پيا

اڪبر علي کي فائرنگ دوران ڇهہ گوليون لڳيون آهن، سندس حالت ڳڻتي جوڳي

پوليس واقعي واري هنڌ تان اهم شاهدين ۽ ثبوت گڏ ڪرڻ جو عمل شروع ڪري ڇڏيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گلشن حديد لنڪ روڊ لڳ اٽڪ پمپ پرسان اڻ ڄاتل هٿياربندن پريمي جوڙي مٿان فائرنگ ڪري

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

سرڪاري زمين جي استعمال، الاٽمينٽ ۽ مئنيجمينٽ ۾ مڪمل شفافيت کي يقيني بڻائڻ جي هدايت

نئين قانون جو بنيادي مقصد سرڪاري زمين جي تحفظ سان گڏوگڏ ان جي اثرائتي ۽ عوامي مفاد ۾ استعمال کي يقيني بڻائڻ آهي: ضياءُ لنجار

سرڪاري زمين قومي ۽ صوبائي اثاثو آهي، ان جي تحفظ ۽ درست استعمال تي ڪوبہ سمجهوتو نہ ڪيو ويندو

سنڌ گورنمينٽ لينڊز مئنيجمينٽ ايڪٽ 2026 جي اثرائتي نفاذ لاءِ باهمي رابطو رکڻ ۽ مضبوط حڪمت عملي کي يقيني بڻايو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ گورنمينٽ لينڊز مئنيجمينٽ ايڪٽ 2026 جي مختلف قانوني انتظامي ۽ عملي پهلوئن جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ اهم اجلاس صوبائي گهرو، قانون ۽ پارليامينٽري معاملن واري وزير

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير سنڌ جي خاص معاون حسين اسلم پٽني جي ڏاڏي لاڏاڻو ڪري وئي

راول مسجد، هل پارڪ پرسان، پي اي سي ايڇ ايس ڪراچي ۾ جنازي نماز ادا ڪئي وئي

صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهہ شيرازي، سيد ذوالفقار علي شاهہ سميت اهم فرد شريڪ

ٽيجهو اڄ ٽي ايڇ بي هائوس، پٽ آئلينڊ، ڪياماڙي ڪراچي ۾ ٿيندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وڏي وزير سنڌ جي خاص معاون حسين اسلم پٽني جي ڏاڏي ۽ اسلم پٽني جي والده لاڏاڻو ڪري وئي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

درياهن ۾ ٻوڏ واري صورتحال جي اڳواٽ اطلاع جي حوالي سان ٽيلي ميٽرنگ سسٽم لڳائڻ تي ڪم جاري آهي: معين وٽو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڻي وسيلن بابت وفاقي وزير معين وٽو چيو آهي تہ درياهن

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

سينيٽ ۾ ستين قومي مالياتي ڪميشن ايوارڊ تي عملدرآمد جي نگراني بابت شروعاتي 6 ماهي رپورٽ پيش

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ ۾ ستين قومي مالياتي ڪميشن (اين ايف سي)

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏي وزير جي خاص معاون حسين اسلم پٽني سان سندس ڏاڏي جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي پئي وڃي

اسلام آباد: مملڪتي وزير وجيهہ قمر کي شيلڊ ڏني پئي وڃي

اداڪار ساحر گوهر لوڌي خلاف ڪروڙين رپين جا چيڪ باؤنس ٿيڻ جو ڪيس داخل

جوابدار رقم جي ادائيگي لاءِ بينڪ الحبيب قائدآباد برانچ جا مختلف چيڪ جاري ڪيا

اڪائونٽ ۾ گهربل رقم موجود نہ هجڻ سبب سمورا چيڪ ڊس آنر (باؤنس) ٿي ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شاهہ لطيف ٽائون

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت جي لاش ملڻ سميت 5 ڄڻا مارجي ويا

بلديا ٽائون جي علائقي سوات ڪالوني ۾ سوات هوٽل جي ويجهو روڊ حادثي ۾ عامر ولد حميد فوت ٿي ويو

اورنگي ٽائون سيڪٽر ساڍا يارهن رئيس امروهي چوڪ جي ويجهو روڊ ڪناري تان نامعلوم شخص جو لاش مليو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 روزاني عبرت

ڀارتي فوجي مهم جو مضبوط، فيصلائتو ۽ غير متناسب جواب ڏنو ويندو آءِ ايس پي آر مان جاري بيان موجب نام نهاد آپريشن سندور تي ٺهيل ڀارتي ڊاڪيومينٽري حقيقتن بدران ڊرامائي جوڙجڪ، جذباتي بيانيي ۽ بالي ووڊ جي منظرڪشيءَ تي ٻڌل آهي. چونڊ انٽرويوز ۽ سئنيماٽڪ ري ڪنسٽرڪشن ذريعي آپريشنل حقيقتن ۽ نتيجن کي پنهنجي مرضيءَ موجب پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ڊاڪيومينٽري ۾ موجود بنيادي تڪرار پاڻ ڀارتي بيانيي جي ڪمزوريءَ کي بي نقاب ڪري ٿو. ڀارتي ڊاڪيومينٽري 16 اپريل 2025ع جي آرمي چيف جي خطاب کي 22 اپريل جي پهلگام واقعي سان جوڙڻ جي بنياد سازشي بيانيو گهڙڻ جي ڪوشش ڪئي. بيان ۾ چيو ويو آهي ته نام نهاد آپريشن سندور جي 82 ڏينهن ڪانپوءِ ڀارت جي دعويٰ آهي ته پهلگام جا 3 مبينه ذميدار 28 جولاءِ 2025ع تي ماريا ويا، جيڪڏهن مبينا ذميدار 28 جولاءِ تي ماريا ويا ته ڀارت واضح ڪري ته 7 مئي 2025ع تي ڪنهن کي سزا ڏيڻ جي دعويٰ ڪئي وئي هئي؟ نام نهاد 100 سيڪڙو مشن ڪاميابيءَ جي ڀارتي دعويٰ به آپريشنل رڪارڊ سان هڪجهڙائي نٿي رکي بيان موجب حق جي ويڙهه دوران پاڪستان جي هٿياربند فوج ڀارتي اڳرائي ناڪام بڻائيندي 8 ڀارتي فوجي جهاز ڪيرايا. آپريشن بنيان مرصوص ۾ فتح تي يسين گائيڊ ڊراڪس ۽ ميزائل پاڪ فضائيه جي پريسيزن هٿيار لانگ رينج لوئٽرنگ ايمونيشنز ۽ پريسيزن آرٽلري استعمال ڪيون ويون. پاڪستان ڀارتي اڳرائيءَ جي جواب ۾ 26 فوجي هدفن کي نشانو بڻايو جن ۾ پاڪستاني شهرين کي نشانو بڻائڻ ۽ پاڪستان ۾ دهشتگردي جي ٺاهپرائي سان ڳنڍيل ٺڪاڻا پڻ شامل هئا. ڀارتي فوجي قيادت پاڻ پاڪستاني ميزائل ڊرون ۽ فضائي سرگرمين سميت لائن آف ڪنٽرول تي مسلسل چڪرين ۽ ڀارتي فضائي دفاعي نظام جي فعاليت جو اعتراف ڪري ٿي، ڀارتي قيادت جا پنهنجا اعتراف پاڪستان جي مبينه فيصلائتي شڪست جي ڀارتي دعويٰ سان هڪجهڙائي نٿا رکن بيان موجب ڊاڪيومينٽري پاڻ تسليم ڪري ٿي ته جنگي ڪارروايون ٻنهي ملڪن جي ڊي جي ايم آوز جي رابطن ۽ ڳنڍيل اتفاق سان بند ٿيون. آمريڪي سهولتڪاري سان ٿيل جنگبنديءَ کي هڪ طرفي ڀارتي فوجي فتح قرار نٿو ڏئي سگهجي. ڀارت تاريخ کي ڊي ڪلاسيفاءِ ته ۾ پنهنجي مرضيءَ موجب جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڪا سئنيماٽڪ منظرڪشي واقعن جي ترتيب، جهازن جي نقصان، فوجي جاني نقصان ۽ حقيقي عسڪري ڪارروائن کي تبديل نٿي ڪري سگهي. آءِ ايس پي آر چيو ته پاڪستان کي حق جي ويڙهه جي چوڌاري مصنوعي بيانيو بڻائڻ جي ضرورت ناهي. آپريشنل رڪارڊ، جنگ جي ميدان جي شاهدن، سفارتي رابطن ۽ ڀارت جا پنهنجا بيان حقيقتون واضح ڪن ٿا. پاڪستان خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ پُرعزم آهي جڏهن ته ملڪ جي خودمختياري، علائقائي سلامتي ۽ قومي مفادن جي دفاع لاءِ هٿياربند فوج تيار ۽ باصلاحيت آهي آئينده ڪنهن به ڀارتي فوجي مهم جو مضبوط، فيصلائتو ۽ غير متناسب جواب ڏنو ويندو

بقايا 2 روزاني عبرت

تعاون جي هڪ ڏگهي ۽ قابل فخر روايت رکندڙ ملڪ آهي انسانيت جي عالمي ڏينهن تي پنهنجي پيغام ۾ وزيراعظم چيو ته پاڪستان انسانيت جي عالمي ڏينهن تي دنيا سان هڪ آواز ٿي خدمت خلق جي جذبي، انساني همدرديءَ، انساني عزت ۽ وقار ۽ يڪجهتي جهڙن مثبت قدرن سان پنهنجي وابستگي جي عزم جو ورجاءُ ڪري ٿو هن چيو ته پاڪستان انسانيت جي ڀلائي جي اعليٰ مقصد جي لاءِ پنهنجي زندگي وقف ڪندڙ خدمتگارن ادارن ۽ تنظيمن کي پڻ خراج تحسين پيش ڪري ٿو وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب عالمي سطح تي هي ڏينهن هر سال انهن 22 انسانيت جي خدمتن جي ياد ۾ ملهايو وڃي ٿو جيڪي 2003ع ۾ عراق ۾ گڏيل قومن جي آفيس تي بم ڌماڪي جي نتيجي ۾ مارجي ويا، هي ڏينهن مصيبت سٽيل علائقن ۾ خدمتون سرانجام ڏيندڙن جي قربانين جو اعتراف آهي وزيراعظم چيو ته اها ڳالهه اسان جي لاءِ فخر جوڳي آهي ته پاڪستان عالمي سطح تي انسانيت جي لاءِ همدرديءَ جو جذبو رکڻ سان گڏوگڏ عملي قدم کڻندڙ ملڪن ۾ سرفهرست آهي گڏيل قومن جي امن دستن ۾ پاڪستان جي شموليت سدائين نمايان ۽ قابل ذڪر رهي آهي پاڪستان عالمي برادري ۾ ضرورتمندن سان يڪجهتي ۽ تعاون جي هڪ ڏگهي ۽ قابل فخر روايت رکي ٿو لکين افغان پناهگيرن جي ڏهاڪن تي ٻڌل ميزباني ڪرڻ ۽ علائقائي ۽ عالمي انساني بحرانن ۾ امداد فراهم ڪرڻ ۾ اسان جي قوم سدائين ثابت قدمي ۽ همدرديءَ جو مظاهرو ڪيو آهي اهو انسانيت جو جذبو مهمان نوازي ۽ گڏيل تعاون جا قدر اسان جي قومي ڪردار جو واضح ثبوت آهن وزيراعظم چيو ته اندرون ملڪ اسان جا آئيني قدر ۽ قومي روايتون به اسان جي انسانيت دوست قومي سڃاڻپ جي عڪاس آهن. ڪمزور ۽ محروم طبقن جي حقن ۽ وقار جو تحفظ پاڪستان حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي حڪومت موثر قدمن جي ذريعي سمورن ماڻهن جي لاءِ رنگ ۽ نسل جي فرق کانسواءِ هڪ برابر ۽ بااختيار معاشري ۽ موقعن تائين پهچ جي منزل طرف گامزن آهي. هن چيو ته انساني حقن واري وفاقي وزارت گذريل هڪ سال ۾ فلاحي مرڪزن، تربيتي ادارن ۽ تحفظ فراهم ڪندڙ سهولتن جي نيٽ ورڪ جي ذريعي پاليسي وعدن کي بامعنيٰ انساني همدرديءَ تي ٻڌل قدمن ۾ تبديل ڪيو آهي

بقايا 3 روزاني عبرت

سيڪيورٽي فورسز ڳجهي اطلاع جي بنياد تي زيارت ۽ هرنائي وچ ۾ جابلو سلسلي ۾ وڏو انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪيو سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جي ٺڪاڻن کي موثر انداز ۾ نشانو بڻايو جنهن ۾ 8 دهشتگرد مارجي ويا سيڪيورٽي ذريعن موجب ڳجهي اطلاع جي بنياد دوران سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جي ٺڪاڻن کي به تباهه ڪري ڇڏيو سوراب ضلعي جي علائقي حاجيڪ ڳوٺ ۾ ڪامياب آپريشن دوران هڪ دهشتگرد کي ماريو ويو سيڪيورٽي فورسز دشت ڪنائي ۽ حاجيڪ وچ ۾ انٽرائي ناڪابندي قائم ڪئي ۽ دهشتگردن جي چُرپر جو پتو لڳايو مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان ايمونيشن، ميگزين، دستي بم، واڪي ٽاڪي، موٽر سائيڪل ۽ ٻيو سامان هٿ ڪيو ويو. سيڪيورٽي ذريعن چيو آهي ته سيڪيورٽي فورسز بلوچستان ۾ دهشتگرديءَ جي مڪمل خاتمي ۽ جٽادار امن جي قيام تائين بنا رڪاوٽ پنهنجون ڪارروايون جاري رکڻ جي عزم تي قائم آهي

بقايا 4 روزاني عبرت

ايگريڪلچرل اسٽوريج اينڊ سروسز ڪارپوريشن (پاسڪو) وٽ ڪڻڪ جا اسٽريٽجڪ ذخيرا مڪمل طور ختم ٿي ويا آهن آءِ ايم ايف جي اجازت باوجود وفاقي ۽ صوبائي حڪومتون گهربل مقدار ۾ ڪڻڪ حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيون جنهن سبب پاسڪو وٽ موجود اسٽريٽجڪ ڪڻڪ جا ذخيرا گهٽجي ويا آهن. رپورٽ موجب، اقتصادي رابطا ڪميٽي (اي سي سي) هاڻي 10 لک ٽن ڪڻڪ درآمد ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي جڏهن ته درآمد کان اڳ ضروري شرطون پوريون ڪرڻ لاءِ اسٽيئرنگ ڪميٽي پڻ قائم ڪئي وئي آهي اختيارين موجب، درآمد لاءِ مقرر ڪيل شرطن ۾ پري شيمينٽ انسپيڪشن ۽ صوبن طرفان پنهنجي ضرورت لاءِ گهربل رقم فراهم ڪرڻ شامل آهي

بقايا 5 روزاني عبرت

ايڪسچينج ۾ اڱاري ڏينهن ٻاڙائي جو رجحان رهيو ۽ بينچ مارڪ ڪي ايس اي 100 انڊيڪس 2546.94 پوائنٽس جي گهٽتائي سان 177955.50 پوائنٽس تي بند ٿيو ريڊي مارڪيٽ ۾ 1.038 ارب شيئرز جو ڪاروبار ٿيو جنهن جي مجموعي ماليت 50.741 ارب رپيا رهي جڏهن ته مارڪيٽ جي مجموعي سيڙپڪاري مارڪيٽ 20.199 ٽريلين رپين کان گهٽجي 19.906 ٽريلين رپيا رهجي وئي مارڪيٽ ۾ مجموعي طور تي 563 ڪمپنين جي شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي 104 ڪمپنين جي شيئرز جي قيمتن ۾ اضافو 368 جي قيمتن ۾ گهٽتائي ۽ 91 ڪمپنين جي شيئرز جون قيمتون مستحڪم رهيون ڳاڻاٽي جي لحاظ سان سينر جيڪو پي ڪي 231.461 ملين شيئرز جي ڪاروبار سان سرفهرست رهيو هيسڪول پيٽرول 50.310 ملين شيئرز ۽ سوئي سدرن گئس 45.472 ملين شيئرز سان ترتيب وار ٻي ۽ ٽئين نمبر تي رهيا. نمايان اضافو ڪندڙ شيئرز ۾ هوڪسٽ پاڪستان لميٽيڊ جي شيئرز جي قيمت 69.54 رپيا وڌي 3999.99 رپين تي بند ٿي جڏهن ته بڪسلي پينٽس لميٽيڊ جي شيئرز 36.96 رپين جي اضافي ڪانپوءِ 406.60 رپين تي بند ٿيا گهٽتائي جو شڪار شيئرز ۾ سيفائر ٽيڪسٽائل ملز لميٽيڊ جي شيئرز جي قيمت 65.04 رپيا گهٽجي 1364.97 رپين تي بند ٿي جڏهن ته خيرپور شوگرملز لميٽيڊ جي شيئرز 56.83 رپين جي گهٽتائي ڪانپوءِ 909.48 رپين تي بند ٿيا. ڪي ايس اي 30 انڊيڪس 899.47 پوائنٽس جي گهٽتائي سان 52861.71 پوائنٽس، جڏهن ته اسلامي ماليات رکندڙ ڪي ايم آءِ 30 انڊيڪس 4194.95 پوائنٽس جي گهٽتائي سان 250423.06 پوائنٽس تي بند ٿيو

بقايا 6 روزاني عبرت

منصوبي لاءِ 441.9 ملين رپين جي اضافي فنڊ جي منظوري ڏني آهي سنڌ ڪابينا جي اجلاس کان پوءِ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ سنڌ ڪابينا جي اجلاس ۾ اهم فيصلا ڪيا ويا. هن چيو ته 2026 لاءِ سنڌ ۾ ڪڻڪ جي ڪل دستيابي 4.84 ملين ميٽرڪ ٽن آهي جڏهن ته ذخيرو ٿيل ڪڻڪ جا ذخيرا 1.18 ملين ميٽرڪ ٽن کان گهٽجي 7 ملين ميٽرڪ ٽن ٿي ويا آهن صوبي ۾ 800 کان وڌيڪ غير مجاز گودامن جو معائنو ڪيو ويو جنهن دوران 257,738 ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ ضبط ڪئي وئي، جڏهن ته ذخيره اندوزي خلاف ڪارروائين ۾ 190,000 ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ ضبط ڪئي وئي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ ڪابينا فلور ملز لاءِ ڪڻڪ جي ذخيري جي حد هڪ مهيني کان وڌائي ٽن مهينن تائين ڪرڻ جي منظوري ڏني آهي، جڏهن ته فلور ملز مان نڪرندڙ اٽي جي قيمت 112 رپيا في ڪلوگرام تي برقرار رکڻ لازمي آهي هن چيو ته پاسڪو سنڌ کي 223,455 ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ فراهم ڪندو سنڌ ڪابينا 25 ايڪڙ تائين زمين رکندڙ ڪڻڪ جي آبادگارن لاءِ ڊي اي پي سبسڊي پيڪيج جي به منظوري ڏني آهي، جڏهن ته نون آبادگارن جي رجسٽريشن ۽ موجوده رجسٽريشن جي بيهر تصديق جي به منظوري ڏني وئي آهي هن چيو ته عالمي مارڪيٽ جي لاهي چاڙهي جو دٻاءُ سنڌ جي آبادگارن تي نه پوندو سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ جي وڏي وزير ڊي اي پي سبسڊي ۽ ڪڻڪ جي سپورٽ پرائس جو تعين ڪرڻ لاءِ چار رڪني ڪميٽي ٺاهي آهي جيڪا ٻن هفتن اندر ڪڻڪ جي مستقبل جي خريداري جي قيمت ۽ ڊي اي پي سبسڊي بابت پنهنجون سفارشون پيش ڪندي هن چيو ته پوئين مرحلي ۾ 45 ارب رپين جي سبسڊي ڏني وئي هئي، جڏهن ته هاڻي 20 ارب رپين جي سبسڊي ڏني پئي وڃي مختلف سوالن جا جواب ڏيندي، سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته خالد مقبول صديقي ۽ مصطفيٰ ڪمال سياسي طور تي ختم ٿي چڪا آهن ۽ جاني واڻي چڙ ڏياريندڙ ڳالهيون ڪيون پيون وڃن هن چيو ته عوام جا چونڊيل نمائندا ايوان ۾ ويٺا آهن تنهن ڪري پريشان ٿيڻ جي ڪا ضرورت ناهي آئين واضح آهي ته صوبا ڪيئن ٺاهي سگهجن ٿا، ٽاڪ شوز جي بنياد تي صوبا نه ٿا ٺاهي سگهجن هن چيو ته رانا ثناءالله اڄ صبح واضح ڪيو آهي ته ڪابينه جي ڪنهن به اجلاس ۾ اهڙي ڪا به ڳالهه نه ڪئي وئي خالد مقبول صديقي ۽ مصطفيٰ ڪمال مسلم ليگ (ن) جا وفاقي وزير آهن، جيڪڏهن انهن جا مطالبا منظور نه ٿي رهيا آهن ته انهن کي استعيفيٰ ڏيڻ گهرجي. عمران خان جي صحت جي حوالي سان شرجيل انعام ميمڻ چيو ته هو عمران خان جي صحت لاءِ دعا گهري رهيو آهي ۽ الله تعاليٰ کان دعا گهري ٿو ته هو ڪيس صحت، ڊگهي عمر ۽ صحتمند زندگي ڏئي هن چيو ته جيڪڏهن عمران خان بيمار آهي ته مان سندس صحتيابي لاءِ نيڪ نيتي سان دعا گهران ٿو اسان جون دعائون عمران خان سميت هر بيمار لاءِ آهن سياسي اختلاف پنهنجي جاءِ تي آهن پر ڪنهن جي بيماري تي شائستگي ۽ انسانيت کي نه ڇڏڻ گهرجي عدالت جي حڪم کان سواءِ به سڀني کي بنيادي طبي سهولتون ملڻ گهرجن ۽ طبي سهولتون سڀني لاءِ برابر هجڻ گهرجن عمران خان کي اسپتال سان لاڳاپيل مناسب طبي سهولتون فراهم ڪرڻ گهرجن. هن چيو ته سياسي اختلافن جي باوجود هڪ ٻئي سان ملو ۽ هڪ ٻئي سان شائستگي سان ڳالهايو صوبن سان لاڳاپيل معاملن تي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اسان اڳ ۾ ئي قانون پاس ڪري چڪا آهيون ۽ جيڪڏهن ضرورت پئي ته وڌيڪ قانون سازي اسيمبلي ۾ آندي ويندي جيڪڏهن بيهر ضرورت پئي ته معاملو اسيمبلي ۾ پيش ڪيو ويندو. هن معاملي کي غير ضروري بحث يا تڪرار جو حصو بڻائڻ بدران قانون موجب عمل ڪرڻ گهرجي سنڌ ۾ پاڻي، گئس ۽ بجلي جي صورتحال تي ڳالهائيندي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ هن وقت پاڻي، گئس ۽ بجلي جي لوڊشيڊنگ کي منهن ڏئي رهي آهي سنڌ گئس پيدا ڪري ٿي پر پاڻ گئس جي لوڊشيڊنگ کي منهن ڏئي رهي آهي اڳ بجلي جي لوڊشيڊنگ هئي ۽ هاڻي سنڌ پاڻي جي لوڊشيڊنگ کي منهن ڏئي رهي آهي. سنڌ پاڻي جي سخت کوٽ کي منهن ڏئي رهي آهي ۽ ماڻهن کي پاڻي جي فراهمي ۾ ڏکيائيون پيش اچي رهيون آهن هن چيو ته سنڌ ۾ پاڻي جي کوٽ ڪو معمولي مسئلو ناهي پر اهو ماڻهن جي بنيادي ضرورت جو معاملو آهي هڪ سوال جي جواب ۾ شرجيل انعام ميمڻ چيو ته جيڪي ماڻهو سنڌ جي مقامي حڪومتي نظام جي ڳالهه ڪن ٿا انهن کي پنهنجي صوبن ۾ مقامي حڪومتي نظام کي مضبوط ڪرڻ گهرجي ۽ ٻين صوبن کان سکڻ گهرجي سنڌ ۾ به مقامي حڪومتي چونڊون ٿيون ۽ مقامي حڪومتي نظام بابت سڀئي مرحلا مڪمل ٿي چڪا آهن ۽ مقامي حڪومتي ادارا مضبوط ڪيا ويا آهن

بقايا 7 روزاني عبرت

حدن ۾ ڪنيز فاطمه سوسائٽي پرسان شاهين فورس جو هٿياربندن سان مقابلو ٿيو. پاسن کان فائرنگ جي ڏي وٺ دوران هڪ جوابدار مارجي ويو جڏهن ته سندس ٻه ساٿي جوابدار فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا. طارق الاهي مستوئي ايس ايس پي ويسٽ موجب مارجي ويل جوابدار وٽان هٿيار ۽ بارود، موبائل فون ۽ استعمال هيٺ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي آهي طارق الاهي مستوئي موجب ڪي هٿياربند جوابدار ٻن موٽرسائيڪلن تي سوار هئا، پوليس سان منهن مقابل ٿيڻ تي فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي ايس ايس پي ويسٽ موجب مارجي ويل جوابدار جي سڃاڻپ جو عمل جاري آهي، جڏهن ته ضابطي جي ڪارروائي عمل ۾ آندي پئي وڃي. علائقي کي ڪوڙن ڪري مارجي ويل جوابدار جي فرار ٿيل ساٿين جي ڳولا جاري آهي

بقايا 8 روزاني عبرت

سيشن عدالت ڏکڻ ڪراچي، قتل بالسبب جي ڪيس ۾ جوابدار عورت انمول عرف پنڪي تي فرد جرم لاڳو ڪري ڇڏي انمول عرف پنڪي خلاف قتل بالسبب ڪيس جي ٻڌڻي ٿي، جنهن دوران جوابدار عورت کي وڊيو لنڪ ذريعي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو ٻڌڻي دوران انمول عرف پنڪي مٿس لڳايل الزامن کان لاتعلقي جو اظهار ڪندي ڏوهه قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. عدالت استغاثه جي شاهدن کي طلب ڪري ورتو جڏهن ته پراسيڪيوشن پاران شاهدين ۽ ثبوت پيش ڪرڻ تائين ٻڌڻي ملتوي ڪرڻ جي درخواست ڪئي وئي پوليس عدالت کي ٻڌايو ته جوابدار عورت خلاف ڪيس بغدادي ٿاڻي ۾ داخل ٿيل آهي پوليس حتمي چالان ۾ قتل جون دفعات ختم ڪري قتل بالسبب جون دفعات شامل ڪيون هيون

بقايا 9 روزاني عبرت

ڪورٽ جي فيصلي تي ردعمل ظاهر ڪيو آهي. پارليامينٽ هائوس ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي مولانا فضل الرحمان چيو ته عمران خان بابت فيصلو اڃا آيو آهي، اهو فيصلو گهڻو اڳ اچي وڃڻ گهرجي ها. هن چيو ته احتجاج جاري رکڻو آهي يا ختم ڪرڻو آهي، اهو پي ٽي آءِ جو پنهنجو فيصلو آهي نون صوبن بابت ڳالهائيندي مولانا فضل الرحمان چيو ته وسيلا نه هجن ۽ کيسي ۾ پئسا نه هجن ته گهر نٿو ٺاهي سگهجي. هن چيو ته هو اصولي طور انتظامي يونٽن ۽ نون صوبن جي خلاف ناهن جڏهن ته اسان فاٽا، هزارا ۽ ٻين صوبن جي قيام جي حمايت به ڪري چڪا آهيون. مولانا فضل الرحمان چيو ته اصل مسئلن تان ڌيان هٽائڻ لاءِ صوبن جو معاملو اٿاريو ويو آهي هن وقت نوان صوبا ٺاهڻ لاءِ نه ماحول آهي ۽ نه ئي مناسب وقت. هن اپوزيشن ليڊر کي تجويز ڏني ته ملڪي معاملن تي آل پارٽيز ڪانفرنس سڏائي وڃي. اسلامي بلاڪ بابت هن چيو ته اسلامي بلاڪ جي جوڙجڪ سندن منشور جو حصو آهي ۽ هو ان جي حمايت ڪندا. واضح رهي ته سپريم ڪورٽ عمران خان کي ايندڙ ٻڌڻي تائين شفا انٽرنيشنل اسپتال منتقل ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي جڏهن ته عدالت سندس علاج لاءِ ميڊيڪل بورڊ جوڙڻ سان گڏ ڪيس سخت سيڪيورٽي ۾ اسپتال منتقل ڪرڻ جون هدايتون پڻ جاري ڪيون آهن

بقايا 10 روزاني عبرت

ڪارروائي ڪندي يونيورسٽي آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي ٽائون شپ ويجهو شڪي بارودي مواد هٿ ڪري ناڪارا بڻائي ڇڏيو. بنون پوليس جي ترجمان مطابق اطلاع ملندي ئي ٽائون شپ ٿاڻي جو ايس ايڇ او جاويد رسول خان پوليس ٽيم سان گڏ فوري طور تي موقعي تي پهچي ۽ علائقي جو گهيرو ڪري ڇڏيو بم ڊسپوزل يونٽ به موقعي تي پهچي ويو جنهن شڪي بارودي مواد کي محفوظ طريقي سان ناڪارا بڻائي بنون ۾ تخريبڪاري جو وڏو منصوبو ناڪام بڻائي ڇڏيو پوليس مطابق وقت سر ڪارروائي جي نتيجي ۾ ٽائون شپ ۽ ڀرپاسي وارن علائقن کي امڪاني نقصان کان بچائي ورتو پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي جي حوالي سان وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 11 روزاني عبرت

سال 2025ع جي مختص ڪيل حساب ۽ آڊيٽر جنرل آف پاڪستان طرفان مالياتي سال 2025-26ع جي آڊٽ سال لاءِ آڊٽ رپورٽون پيش ڪري ڇڏيون اڱاري ڏينهن سينيٽ اجلاس دوران ناڻي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني اها رپورٽ ايوان ۾ پيش ڪئي

بقايا 12 روزاني عبرت

سنڌ جي وجود، وحدت ۽ تاريخ لاءِ خطرو قرار ڏيندي ڪراچي ۾ ٿيل ملڪ گير ڪانفرنس ۾ دانشورن، اديبن، قانوندانن، صحافين ۽ سماجي اڳواڻن سخت ردعمل ظاهر ڪيو آهي. مقررن چيو آهي ته سنڌ کي ٽوڙڻ جون ڪوششون ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيون وينديون. سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ ئي رهندي، جڏهن ته سنڌ جا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ بدران نون صوبن جون ڳالهيون ڪرڻ کي مسئلن کان ڌيان هٽائڻ جي ڪوشش قرار ڏنو ويو دي انٽيليڪچوئل فورم سنڌ پاران پاڪستان آمريڪن ڪلچرل سينٽر جي سهڪار سان سنڌ جي ورهاڱي خلاف ملڪ گير ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ مختلف ساڃاهه وندن، دانشورن، اديبن، قانوندانن ۽ سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي. ڪانفرنس کي خطاب ڪندي مير افسرالدين ٽالپر چيو ته اسين ستر سالن کان ٻڌندا پيا اچون ته ملڪ نازڪ صورتحال مان گذري رهيو آهي پر جيڪڏهن ملڪ ۾ مجرم آزاد هجن ۽ انصاف نه ملي ته احساس محرومي وڌندي. هن چيو ته سڀ قومون متحد ٿين. سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ ئي رهندي سنڌ دوست ڏاهي ۽ پاڻي جي معاملن جي ماهر نصير ميمڻ چيو ته پاڪستان قرضن ۾ ڊبيل خساري جو شڪار ۽ معاشي طور تباهه حال آهي اهڙي صورتحال ۾ به نوان صوبا ٺاهڻ جون ڳالهيون ڪيون پيون وڃن. هن چيو ته پهريان ملڪ جا بنيادي مسئلا حل ڪيا وڃن. سندس چوڻ هو ته سنڌ جي هزارين ايڪڙ زمين وفاقي حڪومت ڪارپوريٽ فارمنگ لاءِ حاصل ڪري چڪي آهي، جڏهن ته معدني وسيلا صوبن جي ملڪيت هجڻ گهرجن هن الزام هنيو ته نوان صوبا ٺاهي "دبئي" وزيراعظم رکڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي نصير ميمڻ چيو ته مسئلا اسلام آباد جي مرڪز ۾ به موجود آهن، جڏهن ته ڪراچي جي مسئلن جي حل لاءِ نئون صوبو ٺاهڻ کانسواءِ ٻيو ڪو رستو نظر نه اچڻ واري سوچ تي به سوال اٿارڻ گهرجن هن موجوده ميڊيا جي ڪردار تي تنقيد ڪندي چيو ته اردو ميڊيا سنڌ جي مسئلن کي مناسب انداز ۾ اجاگر نٿي ڪري، تعصبي نقطه نظر ختم ٿيڻ گهرجي ڊاڪٽر قيصر بنگالي چيو ته هي دور جنگ جو دور آهي ۽ اها جنگ جمهوريت ۽ آئين جي بقا جي جنگ آهي هن چيو ته جڏهن پيڪا ايڪٽ آندو ويو ته ڪنهن به احتجاج نه ڪيو قومي بئنڪن جي نجڪاري وقت به ڪو وڏو احتجاج نه ٿيو عورتن ۽ مزدورن جي مسئلن تي به جدوجهد محدود رهي، پر سنڌ جي مسئلي تي سڀ گڏ نظر اچن ٿا. هن چيو ته اسان صرف "شوز جي سياست" ڪريون ٿا، ڪئنالن خلاف احتجاج ٿين ٿا پر ڪئنال تعمير ٿيندا پيا وڃن هاڻي سوال اهو آهي ته اينٽي ڪئنال تحريڪ جا اڳواڻ ڪٿي آهن؟ قيصر بنگالي چيو ته اسيمبلي جي ٻاهران احتجاج ڪيا وڃن ۽ جدوجهد رڳو تقريرن تائين محدود نه هجي عملي قدم کنيا وڃن "اسين ماتم ڪندا رهنداسين ۽ اهي پنهنجو ڪم ڪندا رهندا" هن چيو نالي واري قانوندان شهاب اوستو چيو ته سڀ کان پهريان اهو طئي ڪرڻو پوندو ته اسان جو دوست ڪير ۽ دشمن ڪير آهي هن ملڪ جي سياسي ۽ آئيني صورتحال تي تنقيد ڪندي چيو ته ملڪ ۾ قانون جي بالادستي نظر نٿي اچي گڊ گورننس نالي ماتر آهي ۽ پاڪستان ۾ ڪا به چونڊ مڪمل طور شفاف نه ٿي آهي سندس چوڻ هو ته ملڪ ۾ ڪي آئين ٺاهيا ويا ۽ اهي ڪيئي ناڪام ويا نالي واري اردو دانشور ۽ صحافي ناظر محمود چيو ته "مهاجرن بابت مهاجر ئي ڳالهائي سگهي ٿو مان مهاجر آهيان پر ترقي پسند گروپ سان واسطو رکان ٿو" هن چيو ته هن سوڀي گيانچندائي ۽ ٻين ترقي پسند اديبن ۽ دانشورن کان سکيا ورتي ناظر محمود اردو ميڊيا تي تنقيد ڪندي چيو ته اردو ميڊيا سنڌ دشمني وارو ڪردار ادا ڪري رهي آهي ۽ "پنو زنده آهي" واري نعري کي به غلط انداز سان پيش ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته صوبي ٺاهڻ جو مطالبو بدنيتي تي ٻڌل آهي. مهاجرن کي به اڪ ڪولڻ گهرجي ۽ سنڌ جي ورهاڱي وارو شوشو ختم ٿيڻ گهرجي ڊاڪٽر بخت جمال چيو ته سنڌ ۾ رهندڙ مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ ماڻهو سنڌ جي ورهاڱي خلاف آهن هن الزام هنيو ته ملڪ ۾ جعلي ووٽ داخل ڪيا وڃن ٿا ۽ وفاق سنڌ کي ورهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي هن خبردار ڪيو ته "سنڌ کي ٽوڙڻ جي سازش ڪئي وئي ته پاڪستان به نه بچندو" اشفاق ميمڻ چيو ته نئين صوبي جو مسئلو ڪو ڊرامو نه پر هڪ وڏي ۽ لڪل سازش آهي جيڪا انتظاميا طرفان اڳتي وڌائي پئي وڃي هن چيو ته ملڪ جا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ بدران آئيني ترميمون آڻڻ جو سلسلو جاري آهي ۽ ائين محسوس ٿئي ٿو ڄڻ ايوبي آمريت جا پاڇا ٻيهر گشت ڪري رهيا هجن سماجي اڳواڻ شازيه نظاماڻي چيو ته ورهاڱي کان پوءِ سنڌ تي مختلف طريقن سان حملا ٿيندا رهيا آهن. ون يونٽ مڙهيو ويو مارشل لا لڳائي وئي ۽ سنڌ جي معيشت کي تباهه ڪيو ويو پروفيسر اعجاز قريشي چيو ته سنڌ جو ورهاڱو هڪ برنڊ مسئلو آهي سوال اهو آهي ته سنڌ ۾ نوان صوبا ٺاهڻ جي ضرورت ئي ڇو پيش اچي رهي آهي؟ هن چيو ته ڪراچي کي سنڌ کان ڌار ڪري نئون صوبو ٺاهڻ ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو ڪي يو جي اڳواڻ طاهر حسن خان چيو ته هڪ مخصوص ٽولو صوبي جي ڳالهه ڪري رهيو آهي جيڪا ڳالهه ڪجهه عرصي کان پوءِ پاڻ ئي ختم ٿي ويندي. هن چيو ته ن ليگ لاهور تائين محدود آهي جڏهن ته پيپلز پارٽي به واضح ڪري چڪي آهي ته سنڌ جو ورهاڱو قبول نه ڪيو ويندو محبوب شيخ چيو ته ورهاڱي وقت جعلي ڪليم ذريعي اردو ڳالهائيندڙن ملڪيتون حاصل ڪيون هن چيو ته اسان اردو ڳالهائڻ سکي پر ڪيترن اردو ڳالهائيندڙ دوستن ۽ ڪلاس فيلو سنڌي ٻولي سکڻ ۾ دلچسپي نه ورتي عبدالمومن ميمڻ چيو ته ملڪ جون بنيادون مذهب جي نالي تي رکيون ويون آهن ۽ قرآن عوام جا حق نه کسڻ جو درس ڏئي ٿو پر هتي قرآن جي نافرماني ٿي رهي آهي هن چيو ته ملان ۽ مذهب ۾ فرق رکڻ گهرجي "اسين زنده قوم آهيون جو اڄ سڀ گڏ ويٺا آهيون" مئڊم نسيم زاهده چيو ته هوءِ اردو ڳالهائيندڙ سنڌي آهي ۽ سنڌ جي تاريخ جو مطالعو ڪيو آهي جيتوڻيڪ سنڌي ڳالهائڻ نٿي اچي. هن سنڌ جي ورهاڱي کي "ناپاڪ سازش" قرار ڏيندي چيو ته ڪنهن به صورت ۾ سنڌ کي ورهائڻ نه ڏنو ويندو. هن چيو ته هوءِ ملير ڪاٺوڙ ۽ گڏاپ جي ڳوٺن ۾ ويندي رهي ٿي ۽ اتان جي ماڻهن سان به رابطي ۾ آهي. شبير چانڊيو چيو ته سنڌ تاريخي طور آزاد ۽ خودمختيار رياست رهي آهي ۽ سنڌ اسيمبلي ئي پاڪستان جي قرارداد پاس ڪئي هئي ڪانفرنس کي ٻين ڪيترن ئي مقررن پڻ خطاب ڪيو ۽ سنڌ جي وحدت، وسيلن، پاڻي، معيشت، جمهوريت ۽ آئيني حقن بابت خيالن جو اظهار ڪيو ان موقعي تي خليل چانڊيو مختلف قراردادون پيش ڪيون. جڏهن ته غلام اڪبر ملڪ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندڙ مهمانن ۽ مقررن جا ٿورا مڃيا

بقايا 13 روزاني عبرت

جاري احتجاجي ڌرڻي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته ڌرڻي واري هنڌ تي شاگرد عدالت لڳائي ويندي سڄي ملڪ ۾ پيٽروليم ليوي ٽيڪس خلاف ڌرڻا جاري آهن جڏهن ته پيٽروليم ٽيڪس جي نالي تي عوام جي کيسي تي ڌاڙو هنيو پيو وڃي هن چيو ته راولپنڊي ۾ آءِ پي پيز خلاف پڻ ڌرڻو ڏنو ويو هو حڪومت آءِ پي پيز جي مد ۾ 2 هزار ارب رپيا فراهم ڪري ٿي حڪومت 36 آءِ پي پيز ڪمپنين سان ڳالهيون ڪيون جنهن جي نتيجي ۾ 3600 ارب رپين جو فائدو ٿيو منعم ظفر خان چيو ته پيٽروليم ليوي ٽيڪس منهنجا نوجوان ادا ڪري رهيا آهن ۽ ليوي ٽيڪس ۾ مسلسل اضافو ڪيو پيو وڃي حڪمران جو ٽڳ جوڙ عوام جي کيسي تي ڌاڙو هڻي رهيو آهي هن چيو ته ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ جنگ جي صورتحال سبب پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ اضافو ٿيو ۽ حڪومت هڪ ئي ڏينهن ۾ پيٽروليم شين جون قيمتون وڌائي ڇڏيون عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جون قيمتون گهٽ ٿينديون به آهن پر اسان جي ملڪ ۾ تيل جون قيمتون گهٽ نٿيون ٿين جماعت اسلامي ڪراچي جي امير چيو ته 15 ارب رپين ۾ ڪي اليڪٽرڪ وڪرو ڪيو ويو پر ڪي اليڪٽرڪ شهرين کي سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي حڪومت ڪي اليڪٽرڪ کي 164 ارب رپين جي سبسڊي فراهم ڪري رهي آهي، جڏهن ته ڪي اليڪٽرڪ ڪراچي جي شهرين کي اونداهي ۾ رکيو آهي هن چيو ته مهانگائي سبب عام شهري لاءِ زندگي گذارڻ ڏکيو ٿي ويو آهي

بقايا 14 روزاني عبرت

آءِ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ جو اهم وڊيو بيان ۽ پارٽي عهديدارن ۽ ڪارڪنن لاءِ هدايتون پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ چيو آهي ته سپريم ڪورٽ عمران خان کي شفا انٽرنيشنل اسپتال منتقل ڪرڻ جو فيصلو ٻڌائي سندس گهرڀاتين ۽ ڪارڪنن جو جائز مطالبو پورو ڪري ڇڏيو آهي هن چيو ته عمران خان جي صحت لاءِ ڪروڙين دعائن رنگ لاتو آهي الله تعاليٰ خان صاحب کي مڪمل ۽ جلد صحت عطا فرمائي حليم عادل شيخ چيو ته عمران خان جي اسپتال منتقلي اونداهي رات ۾ روشني جي هڪ ڪرڻ ۽ تازي هوا جي جهونڪي برابر آهي انشاءالله بهار ايندي ۽ عمران خان ٻاهر به ايندو جڏهن ته هي اونداهي رات هميشه لاءِ ختم ٿي ويندي هن چيو ته عمران خان اسان جي وچ ۾ هجي ته سڀ ڪجهه آهي. تنهنڪري سندس صحت لاءِ دعائون جاري رکيون وڃن اڄ جو ڏينهن الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪرڻ ۽ يوم تشڪر ملهائڻ جو ڏينهن آهي حليم عادل شيخ پارٽي ڪارڪنن کي هدايت ڪئي ته عمران خان جي صحتيابي لاءِ خاص دعائون ۽ قرآن خواني ڪن جڏهن ته ڪارڪن ۽ عهديدار پارٽي قيادت جي هدايتن تي مڪمل عمل ڪن هن چيو ته سلمان اڪرم راجا ڪروڙين ڪارڪنن ۽ پارٽي عهديدارن طرفان انڊرٽيڪنگ ڏني آهي ته اسپتال ٻاهران اهڙو ڪو قدم نه کنيو ويندو جنهن سان صورتحال خراب ٿئي حليم عادل شيخ ڪارڪنن کي هدايت ڪئي ته اسپتال ٻاهران ڪنهن به قسم جو ميڙ، وڊيو يا اهڙو منظر پيدا نه ڪن جنهن سان، خدا نه ڪري، عمران خان کي ٻيهر جيل منتقل ڪرڻ جو موقعو ملي هن چيو ته ڪارڪن پنهنجن جذبن ۽ جوش تي ضابطو رکندي پارٽي نظم ۽ ضبط جي پابندي ڪن عمران خان جي صحت لاءِ دعا ڪن ۽ الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪن حليم عادل شيخ چيو ته پارٽي جي صفن ۾ اتحاد ۽ يڪجهتي برقرار رکڻ وقت جي اهم ضرورت آهي اسان جي يڪجهتي ۽ پنهنجي نظريي ۽ ڪپتان سان وابستگي ئي اسان جي جدوجهد کي اڳتي وٺي ويندي هن چيو ته اڄ جو ڏينهن هڪ سٺو ڏينهن آهي ۽ الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪرڻ جو ڏينهن آهي بشريٰ بي بي جيلن ۾ قيد سمورن سياسي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن لاءِ پڻ دعا ڪئي وڃي حليم عادل شيخ دعا ڪندي چيو ته الله تعاليٰ عمران خان سميت سمورن قيدين کي آزادي عطا فرمائي ۽ سندن پريشانيون دور ڪري هن چيو ته عمران خان جي آزادي، قانون جي حڪمراني ۽ عدليا جي آزادي تائين جدوجهد جاري رهندي پاڪستان ۾ قانون جي بالادستي ۽ عدليا جي آزادي لاءِ پڻ جدوجهد جاري رهندي حليم عادل شيخ ڪارڪنن کي اپيل ڪئي ته عمران خان جي مستقل آزادي ۽ بهتر حالتن لاءِ دعا ڪن پارٽي جي هدايتن تي مڪمل عمل ڪن نظم ۽ ضبط سان پنهنجي جدوجهد جاري رکن هن چيو ته اڄ سپريم ڪورٽ جي فيصلي تي شڪرگذار آهيون ۽ دعا آهي ته الله تعاليٰ عمران خان کي مڪمل صحت عطا فرمائي

بقايا 15 روزاني عبرت

جڏهن ته جاچ ٽيم طبي، ڊجيٽل، فرانزڪ ۽ ٻين دستياب شاهدين جي بنياد تي ڪيس جي مختلف رخن جو باريڪ بينيءَ سان جائزو وٺي رهي آهي سنڌ پوليس ترجمان موجب جاچ ٽيم طبي رپورٽن، ڊجيٽل دستياب ٻين شاهدين اڳوڻي جاچ ٽيم جي ڪارروائين، وارثن، دوستن ۽ ٻين لاڳاپيل ذريعن کان حاصل ٿيل معلومات جي روشنيءَ ۾ ڪيس جي مختلف پاسن ۽ امڪاني رخن جو تفصيلي جائزو وٺي رهي آهي ترجمان موجب جاچ ٽيم کي هيل تائين ٻه پوسٽ مارٽم رپورٽون، هڪ حتمي رپورٽ ۽ ٽي ڪيميائي تجزياتي رپورٽون موصول ٿي چڪيون آهن. آخري ڪيميائي تجزياتي رپورٽ 17 آگسٽ تي موصول ٿي، جن جو تفصيلي تقابلي ۽ تنقيدي جائزو ورتو پيو وڃي سنڌ پوليس جو چوڻ آهي ته جاچ ۾ ٿيل اڳڀرائي ۽ عوامي مفاد جي گهرجن کي نظر ۾ رکندي موصول ٿيل رپورٽن بابت مناسب حد تائين معلومات عوام آڏو پيش ڪئي پئي وڃي. رپورٽن جي جائزي دوران ڪجهه اهڙا نقطا پڻ سامهون آيا آهن جن ۾ وڌيڪ وضاحت يا باهمي مطابقت جي ضرورت محسوس ٿي آهي انهن نقطن جي وضاحت ۽ وڌيڪ تصديق لاءِ لاڳاپيل اختيارين ۽ ادارن کان ضروري معلومات حاصل ڪئي پئي وڃي سنڌ پوليس موجب موبائل فون ۽ اسمارٽ واچ جي ڊيٽا جي تجزيي لاءِ پنجاب فرانزڪ سائنس ايجنسي سان رابطو ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ڊجيٽل ڪرنسي سان لاڳاپيل معاملن جي جاچ لاءِ اين سي سي آءِ اي سان رابطو ڪيو ويو آهي ان کان علاوه موبائل فون کي ان لاڪ ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل ڪمپني ايپل جي اختيارين سان پڻ رابطو ڪيو ويو آهي ترجمان موجب ڪيميائي تجزياتي رپورٽ ۾ سامهون آيل غير واضح نقطن جي وضاحت ۽ لاڳاپيل ادارن ۽ اختيارين کان گهربل معلومات حاصل ٿيڻ سان جاچ جي مختلف پاسن ۽ شاهدين جي باهمي تعلق کي سمجهڻ ۾ اهم اڳڀرائي جي اميد آهي سنڌ پوليس جي ترجمان جو چوڻ آهي ته اعليٰ سطحي جاچ ٽيم دستياب فني، ڊجيٽل، فرانزڪ ۽ ٻين قابل اعتماد شاهدين جي بنياد تي روزاني بنيادن تي جاچ کي اڳتي وڌائي رهي آهي

بقايا 16 روزاني عبرت

چڱي مڙس رستم علي جوڻيجو ۽ سندس پاڻن طرفان آجياڻو ڏنو ويو آجياڻي واري تقريب دوران پ پ ايم پي اي ملڪ سڪندر خان خطاب ڪندي چيو ته منهنجي ذاتي ڪوشش اها آهي ته آئون پنهنجي تڪ اندر ترقياتي ڪم، تعليم جو بهتر نظام ۽ صحت جون سهولتون بهتر نموني سان هر گهر در تائين پهچائي سگهون آن لاءِ اسان ڪوششون وٺي رهيا آهيون هن چيو ته اسان جي وڏي ۾ وڏي ڪوشش اها به آهي ته سڄي تڪ اندر پيئڻ جي پاڻي جي بهتر نموني رسائي لاءِ خاص ڌيان ڏيون ان لاءِ اسان ڪافي واٽرسپلائي اسڪيمون ڏنيون آهن جڏهن ته اڃا وڌيڪ اسڪيمون ڏيڻ لاءِ ڪوششون پڻ ڪري رهيا آهيون هن چيو ته عوامي خدمت پاڪستان پيپلز پارٽي جو مين مقصد رهيو آهي ۽ ساڳئي مشن منهنجي ڏاڏا ملڪ سڪندر خان ۽ والد ملڪ اسد سڪندر خان جي آهي اسان پنهنجي ضلعي جي عوام جي خدمت ڪري رهيا آهيون ۽ اهو خدمت جو جذبو هميشا جاري رهندو ان موقعي تي جوڻيجا هائوس تي جوڻيجا برادري جي چڱي مڙس رستم جوڻيجو طرفان سندس سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو ۽ رستم جوڻيجو جي والد محمد ابراهيم جوڻيجو جي نالي سان منسوب ٿيل هاءِ اسڪول ۽ ڊسپينسري جو افتتاح ڪيو ويو جڏهن ته سوسائٽي فيز ون ۾ هڪ گهٽي ۾ لڳل پيور بلاڪ جو افتتاح پڻ ڪيو ويو ان موقعي ضلعي ڪائونسل چيئرمين سهيل شورو، ميونسپل بولهاڙي چيئرمين فقير داد کوسو، امداد مگسي، نادر جوڻيجو، عاشق علي جوڻيجو، محبوب جوڻيجو، برڪت جوڻيجو، مور خان جوڻيجو، حاجي ارباب جوڻيجو، ڊاڪٽر پون مل، مقصود لاکاڻي، ممتاز راڄڙ، رٽائرڊ ڊي ايس پي ايوب بروهي، جهانزيب خاصخيلي، حاڪم عمراڻي، ڊاڪٽر راج ڪمار، حڪيم نوحاڻي، مختيار برفت ۽ ٻيا گڏ موجود هئا

بقايا 17 روزاني عبرت

بلورو ڊگري ڪاليج سڄاول ۾ تعليمي عمل شروع ڪرڻ بابت اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ميرپور بٺورو ڊگري ڪاليج جي تعمير، خرچن ۽ ڪمن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر هير سوهو، اسپيشل سيڪريٽري فرخ شهزاد قريشي، چيف انجنيئر سليم شيخ، ريجنل ڊائريڪٽر يوسف رحماني، ڊائريڪٽر پلاننگ ساجد ابڙو ۽ ٻين آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ چيف انجنيئر بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته ڪاليج جي هيٺين ماڙ جو گهڻو ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر هير سوهو ڪاليج ۾ جلد تعليمي عمل شروع ڪرڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو جنهن تي سيڪريٽري ڪاليجز نديم ميمڻ 15 ڏينهن اندر ڪاليج ۾ تعليمي عمل شروع ڪرڻ جو حڪم ڏنو سيڪريٽري ڪاليجز چيو ته ڪاليج جي هيٺين ماڙ کي مڪمل طور تي تيار ڪري پڙهائيءَ جي قابل بڻايو وڃي ته جيئن شاگرد ڪلاس وٺڻ شروع ڪن

بقايا 18 روزاني عبرت

سان گرفتار ڪري گم ڪرڻ واري واقعي خلاف ڪراچي ۾ ڪورٽ اندر احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽري ارشد شر ڪئي جڏهن ته سنڌو انڊس لائرز فورم سان لاڳاپيل وڪيلن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مظاهري دوران وڪيلن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي ڪامريڊ آرزو سنڌي جي مبينا گرفتاري ۽ گمشدگي خلاف نعريبازي ڪئي مظاهرين جي هٿن ۾ کنيل پلي ڪارڊن تي "ڪامريڊ آرزو سنڌي کي ظاهر ڪيو وڃي" ۽ "فوري طور آزاد ڪيو وڃي" سميت مختلف نعرا درج هئا. وڪيلن مطالبو ڪيو ته جيڪڏهن آرزو سنڌي کي ڪنهن قانوني ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي ته ڪيس عدالت ۾ پيش ڪري قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، جڏهن ته مبينا طور گم رکڻ وارو عمل فوري طور ختم ڪيو وڃي ان موقعي تي وڪيل اڳواڻن چيو ته ڪنهن به شهري کي قانوني طريقيڪار کانسواءِ گرفتار ڪري گم ڪرڻ بنيادي انساني ۽ آئيني حقن جي ابتڙ آهي هنن چيو ته رياست جي ذميواري آهي ته هر شهري جي جان، آزادي ۽ قانوني حقن جو تحفظ يقيني بڻائي وڪيلن مطالبو ڪيو ته ڪامريڊ آرزو سنڌي بابت فوري طور تي سندس وارثن ۽ وڪيلن کي آگاهه ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن هو ڪنهن اداري جي تحويل ۾ آهي ته سندس موجودگي ظاهر ڪري ڪيس قانون موجب عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي سنڌو انڊس لائرز فورم ۽ ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي اڳواڻن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن آرزو سنڌي جي گرفتاري ۽ گمشدگي بابت صورتحال واضح نه ڪئي وئي ۽ ڪيس فوري طور ظاهر نه ڪيو ويو ته قانوني ۽ جمهوري طريقي سان احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 19 روزاني عبرت

ڏينهن هتي الوداعي ملاقات ڪئي پرڏيهي آفيس موجب نائب وزيراعظم سفير نڪولس گيلي کي پنهنجون سفارتي ذميواريون مڪمل ڪرڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ پاڪستان ۽ فرانس جي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي لاءِ سندس خدمتن کي ساراهيو نائب وزيراعظم ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ٻطرفي تعاون کي وڌيڪ سگهه ڏيڻ جي ضرورت تي زور ڏيندي گڏيل دلچسپي جي ٻطرفي ۽ علائقائي معاملن تي اعليٰ سطح جي رابطن، ڳالهه ٻولهه ۽ مشاورت جي تسلسل جي اهميت تي پڻ زور ڏنو فرانسيسي سفير پنهنجي سفارتي دور دوران تعاون ۽ معاونت فراهم ڪرڻ تي نائب وزيراعظم ۽ پاڪستان حڪومت جا ٿورا ادا ڪيا

بقايا 20 روزاني عبرت

طلال چوڌري چيو آهي ته اسلام آباد ۾ پاڻي جي کوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ 2 نوان ڊيم ايندڙ چار سال ۾ مڪمل ڪنداسين، پراڻيون پائپ لائينون تبديل ڪنداسين اڱاري ڏينهن قومي اسيمبلي ۾ تمڪين اختر نيازي ۽ ٻين جي اسلام آباد ۾ پاڻي جي وڌندڙ کوٽ، پاڻي صاف ڪرڻ ۽ ٻيهر استعمال جوڳو بڻائڻ جي پلانٽس جي تنصيب جي ضرورت بابت ڌيان ڇڪايو نوٽيس تي گهرو معاملن واري مملڪتي وزير طلال چوڌري چيو ته اسلام آباد ۾ پاڻي جو استعمال 240 ميلين گيلن روزانو آهي 80 ملين گيلن دستياب آهي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ واپڊا ذريعي شادره ڊيم دوتارا ڊيم جي تعمير جي فزيبلٽي اسٽڊي ڪرائي رهيا آهيون هن چيو ته اسان قانون ۾ تبديلي ڪئي آهي، پاڻي جي سطح گهٽ ٿي رهي آهي هاڻي رين واٽر ريلز بڻايا پيا وڃن ان کان سواءِ نقشو ئي منظور نه ٿا ٿين هن انڪشاف ڪيو ته پوش ايريا ايف سيڪٽر ۾ رهندڙ ماهوار 240 رپيه بل نه ٿا ڏين اهي ماڻهو پنهنجا ملازم ٻاهران آڻين ٿا. هن چيو ته اسلام آباد جي سمورن سيڪٽرز جي پراڻي پائيپ لائنز کي ڏيڍ سال ۾ تبديل ڪيو ويندو ان جو پي سي ون بڻايو ويو آهي هن ميمبرن کي چيو ته ريڪوري 10 سيڪڙو آهي هو ريڪوري ۽ بلن جي ادائيگي لاءِ اسان سان تعاون ڪن پاڻي جي بچت ڪن هن ٻڌايو ته ڪنهن اسڪيم جي منظوري ڏني وڃي ٿي ته ايس او پيز ۾ رين واٽر هارويسٽنگ کي نظر ۾ رکندي ان جي منظوري ڏني ويندي آهي هن چيو ته اسلام آباد ۾ آءِ نائن ۾ سيوريج ٽريٽمينٽ پلانٽ نصب ڪيو پيو وڃي

بقايا 21 روزاني عبرت

آهن پاڪستاني قوم پاڪ فوج ۽ پورو معاشرو دهشتگردن ۽ دنيا جي وچ ۾ مضبوط ڍال آهي رياستي ادارن وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن ۽ عوام جي گڏيل ڪوشش سان دهشتگردي جي خاتمي لاءِ موثر قدم کنيا ويا، 2017ع ۾ دهشتگردي جي خاتمي ڪانپوءِ ملڪ ۾ سيڙپڪاري شروع ٿي جڏهن ته بعد ۾ بدقسمتي سان پاليسي ۾ تبديلي سان دهشتگردي جي خاتمي جي لاءِ چار سال جي ڪوشش کي نقصان پهتو پاليسين جي تسلسل جي لاءِ سياسي پارٽين ۾ اتفاق راءِ هجڻ گهرجي دهشتگردي جي خاتمي جي جدوجهد ۾ بيانيي جو ڪردار انتهائي اهم آهي معرڪ حق دوران پهلگام واقعي ڪانپوءِ ڀارت پاڪستان جي خلاف بي بنياد الزام هڻي اصل جنگ کان اڳ ئي بيانيي جي جنگ شروع ڪري ڇڏي هئي جڏهن ته پاڪستان موثر انداز ۾ ڀارتي الزامن جو جواب ڏنو وزيراعظم محمد شهباز شريف پاران پهلگام واقعي جي عالمي سطح تي شفاف جاچ جي آڇ سان ڀارت گهٻراهٽ جو شڪار ٿي ويو پاڪستان جو مثبت تشخص سڄي دنيا ۾ اڀريو آهي ان کي سفارتي سطح تي وڏيون ڪاميابيون حاصل ٿيون آهن ۽ پاڪستان هڪ اعتماد جوڳي ثالث جي طور تي سامهون آيو آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن سسٽين ايبل سوشل ڊيولپمينٽ آرگنائيزيشن (ايس ڊي او) جي اهتمام هيٺ بلوچستان پنجاب ۽ سنڌ جي پارليامينٽ ميمبرن جي لاءِ دهشتگردي جي خاتمي جي فريم ورڪ، قانونسازي بابت ذميوارين جي موضوع تي ڪيپيسٽي بلڊنگ ورڪشاپ کي خطاب ڪندي ڪيو اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته اطلاعاتي جنگ ۽ بيانيي جي محاذ تي اها حقيقت نظر ۾ رکڻ ضروري آهي ته ڊاٽر اڪثر حقيقت کان وڌيڪ طاقتور هوندو آهي بطور انفارميشن مئنيجرز يا نيريٽو بلڊرز اسان جو ڪم ڊاٽر ۽ حقيقت جي وچ ۾ موجود خال کي گهٽ ڪرڻ آهي عطاءالله تارڙ چيو ته 2017ع ۾ ملڪ مان دهشتگردي جو مڪمل خاتمو ٿي چڪو هو ڪراچي ۾ امن امان جي صورتحال، خيبرپختونخواهه ۾ دهشتگردي جي سرگرمين، بلوچستان جي ڪجهه علائقن ۾ دهشتگردي جي لهر ۽ ڏکڻ پنجاب کان وچ پنجاب طرف وڌندڙ شدت پسندي جهڙن چئلينجز جي ڊس ۾ ان وقت رياست قومي ايڪشن پلان آڻڻ جو فيصلو ڪيو جنهن تي سمورن ڌرين لبيڪ چيو هن چيو ته وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن، پاڪ فوج ۽ ٻين ادارن گڏجي دهشتگردي جي خلاف گڏيل ڪوششون ڪيون جنهن جي نتيجي ۾ دهشتگردي جو وڏي حد تائين خاتمو ممڪن ٿيو دهشتگردي جي خلاف ان ڪامياب جدوجهد ۾ موثر بيانيي پڻ انتهائي اهم ڪردار ادا ڪيو وفاقي وزير چيو ته پهلگام واقعي جي فوري پوءِ ڀارت پاران پاڪستان تي ان واقعي ۾ ملوث هجڻ جا الزام هنيا ويا، اهڙي طرح اصل جنگ شروع ٿيڻ کان اڳ ئي ڊاٽر ۽ بيانيي جي جنگ شروع ٿي وئي هن چيو ته رياست پارٽي الزامن جو ڀرپور ۽ موثر انداز ۾ جواب ڏيندي اهي سوال اٿاريا ته پهلگام واقعو پيش اچڻ ڪانپوءِ رڳو اڌ ڪلاڪ جي اندر ايف آءِ آر ڪيئن داخل ٿي وئي ۽ جيڪڏهن ڀارتي دعويٰ موجب حملي آور پاڪستان مان آيا هئا ته لائين آف ڪنٽرول پهلگام کان اٽڪل ڏيڍ سئو ڪلوميٽر پري هجڻ ۽ وچ ۾ ڏکيو جابلو علائقو موجود هجڻ جي باوجود اهي ايتري گهٽ وقت ۾ اتي ڪيئن پهتا جڏهن ته ڀارتي سيڪيورٽي انهن کي وقت سدر سڃاڻپ يا روڪڻ ۾ به ناڪام رهي هن چيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف پي ايم اي ڪاڪول ۾ خطاب دوران پهلگام واقعي جي عالمي سطح تي شفاف جاچ جي آڇ ڪئي جنهن ڪانپوءِ ڀارت گهٻراهٽ جو شڪار ٿي ويو ان وٽ ڪو موثر جواب نه هو هن چيو ته ان ڪانپوءِ ڪيترن ئي ڏينهن تائين بيانيي جي جنگ جاري رهي ۽ هن بطور اطلاعات واري وزير عالمي ميڊيا جي مختلف ادارن جن ۾ سي اين اين، بي بي سي، اسڪاءِ نيوز، سي اين بي سي، الجزيره ۽ العربيه شامل آهن تي پاڪستان جو موقف پيش ڪيو هن چيو ته عالمي ميڊيا آڏو سوال اٿاريو ويو ته جنهن قوم دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ 90 هزار قيمتي جانين جون قربانيون ڏنيون هجن اها دهشتگردي جي حمايت ڪيئن ڪري سگهي ٿي؟ هن چيو ته انهن شهيدن ۾ پاڪ فوج جا جوان سپاهي ۽ آفيسر پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا اهلڪار سياستدان عام شهري انجنيئرز ڊاڪٽرز ۽ ٻار شامل آهن جڏهن ته اي پي ايس سانحي ۾ پڻ اسان جي معصوم ٻارن دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ پنهنجي رت جو نذرانو پيش ڪيو اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته هڪ طرف پاڪستان اهڙي قوم آهي جنهن جي هر طبقي دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ بي مثال قربانيون ڏنيون آهن جڏهن ته ٻئي طرف ڀارت آهي جيڪو پاڻ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ اقليتن کي قتل ڪرائڻ ۾ ملوث رهيو آهي هن چيو ته دهشتگردي جي عروج جي دور ۾ پاڪستان جي هر ٻئي گهر ۾ قرباني جي هڪ لازوال داستان موجود هئي ان جي باوجود ڀارت پاڪستان تي سرحد پار دهشتگردي جا الزام هڻي ٿو جڏهن ته پاڪستان پاڻ دهشتگردي جي خلاف جنگ وڙهي رهيو آهي ۽ ان جنگ ۾ وڏو جاني نقصان کڻي چڪو آهي هن چيو ته ڀارت جي ٻاهرئين ملڪ اقليتن کي نشانو بڻائڻ جا واقعا دنيا جي سامهون آهن ڪئناڊا ۾ هڪ سک شهري جي قتل ۾ پڻ ڀارت جي ملوث هجڻ جا ثبوت سامهون اچي چڪا آهن جڏهن ته مختلف ملڪن ۾ ڀارتي حڪومت پاران اقليتي برادري جي ماڻهن کي نشانو بڻائڻ جا واقعا سامهون اچي چڪا آهن هن چيو ته هڪ طرف ڀارت پاڪستان تي سرحد پار دهشتگردي جي الزام هڻي ٿو جڏهن ته ٻئي طرف پاڻ ڀارتي حڪومت ٻاهرئين ملڪ اقليتن جي قتل ۾ ملوث رهي آهي. هن چيو ته عالمي ميڊيا آڏو پاڪستان حقيقتن ۽ دستياب ثبوتن جي بنياد تي پنهنجو بيانيو موثر انداز ۾ پيش ڪيو ته جنهن ملڪ دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ قربانيون ڏنيون هجن، ان جي ڀيٽ اهڙي ملڪ سان نه ٿي ڪري سگهجي جيڪو پاڻ دهشتگردي کي فروغ ڏيڻ ۾ ملوث هجي هن چيو ته پاڪستان وٽ پنهنجي موقف جي حق ۾ ٺوس ثبوت موجود آهن جن ۾ بلوچستان مان ڀارتي جاسوس ڪلڀوشن يادو جي گرفتاري پڻ شامل آهي جيڪو پاڪستان ۾ دهشتگردي جي سرگرمين ۽ دهشتگردن جي سهولتڪاري ۾ ملوث هو وفاقي وزير چيو ته جڏهن اهي حقيقتون ۽ ثبوت عالمي ميڊيا آڏو رکيا ويا ته ڀارت وٽ انهن جو ڪو موثر جواب نه هو

بقايا 22 روزاني عبرت

هوندا. ان کانسواءِ عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي عمران خان جي ميڊيڪل رپورٽ پيش ڪرڻ جو به حڪم ڏنو آهي سپريم ڪورٽ اهو حڪم پاڪستان تحريڪ انصاف جي جنرل سيڪريٽري سلمان اڪرم راجا ۽ عمران خان جي ڀيڻ عظميٰ خان جي درخواستن تي ڏنو آهي جن اڳوڻي وزيراعظم جي صحت ۽ ساڻس ملاقاتن تي پابندي بابت درخواستون داخل ڪرايون هيون جسٽس شاهد وحيد جي سربراهي ۾ سپريم ڪورٽ جي ٽن رڪني بئنچ پنهنجو حڪمنامو ٻڌائيندي چيو ته اڳوڻي وزيراعظم جي صحت بابت پي ٽي آءِ ڪا سياست نه ڪندي ۽ اڳوڻو وزيراعظم ايندڙ ٻڌڻي تائين اسپتال ۾ ئي رهندو عدالت انهن درخواستن جي ايندڙ ٻڌڻي 16 سيپٽمبر مقرر ڪئي آهي سپريم ڪورٽ پنهنجي حڪم ۾ اهو پڻ چيو آهي ته عمران خان جي علاج تي ايندڙ سمورا خرچ سندس خاندان ادا ڪندو عدالت پنهنجي حڪم ۾ چيو آهي ته عمران خان کي جڏهن اسپتال منتقل ڪيو وڃي ته اتي امن امان جي صورتحال ۾ ڪو خلل پيدا نه ٿيڻ گهرجي. عمران خان جي ميڊيڪل رپورٽ ۾ ڇا چيو ويو هو؟ عمران خان جي ميڊيڪل رپورٽ ۾ انگريزي (پي چيني) جوليول کي پلس بيان ڪيو ويو آهي جنهن کي نهايت شديد سمجهيو ويندو آهي

بقايا 23 روزاني عبرت

پرڏيهي وزير ڪاظم غريب آبادي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ طرفان آبناءِ هرمز جي تصوير شايع ڪرڻ تي ردعمل ڏنو آهي جنهن تي آمريڪي صدر "آمريڪي سرزمين" لکيو هو غريب آبادي ايڪس تي هڪ پوسٽ ۾ لکيو ته آبناءِ هرمز بابت ٽرمپ جي غلط فهمي جلد ختم ٿي ويندي هن لکيو ته جلد ئي آبناءِ هرمز بابت ٽرمپ جي غلط فهمي يا ته پاڻمرادو ختم ٿي ويندي يا پوءِ اسان هن ورغلائيندڙ سوچ رکندڙ شخص جي غلط فهمي ختم ڪري ڇڏينداسين. واضح رهي ته آمريڪي صدر اها تصوير پنهنجي سوشل ميڊيا پليٽ فارم ٽروٿ سوشل تي شيئر ڪئي هئي. جنهن ۾ آبناءِ هرمز ايران جا ڪجهه علائقا، ايراني ۽ عماني نار جو نقشو ڏيکاريو ويو هو

بقايا 24 روزاني عبرت

وقت (ترميمي) بل 2026ع منظور ڪري ورتو اڱاري ڏينهن سينيٽ جي اجلاس ۾ پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري اهو بل اسٽينڊنگ ڪميٽي جي رپورٽ ڪيل صورت ۾ غور هيٺ آڻڻ جي رٿ پيش ڪئي. رٿ جي منظوري ڪانپوءِ هن اهو بل ايوان ۾ پيش ڪيو صدر نشين بل منظوري لاءِ ايوان ۾ پيش ڪيو جنهن جي ايوان منظوري ڏئي ڇڏي

بقايا 25 روزاني عبرت

ڪانپوءِ ايران ۽ آمريڪا کي بيهر ڳالهين جي ميز تي آڻڻ جي ڪوشش ڪندا پريس ڪانفرنس دوران قطري پرڏيهي وزارت جي ترجمان چيو ته ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ثالثي ڪرائيندڙ ملڪ آبناءِ هرمز بابت ايران ۽ عمان وچ ۾ معاهدي جي اعلان جو انتظار ڪري رهيا آهن. ماجد الانصاري موجب، ان معاهدي ڪانپوءِ واشنگٽن ۽ تهران کي جنگ جي خاتمي لاءِ بيهر ڳالهين جي شروعات تي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي قطري پرڏيهي وزارت موجب، ايراني پائلٽن بابت معاملي تي ايراني وفد کي قطر اچڻ جي دعوت اڃا به برقرار آهي، جڏهن ته تهران طرفان هن وقت تائين ان حوالي سان ڪو به جواب ناهي ڏنو ويو. واضح رهي ته گذريل هفتي ايران قطر تي الزام لڳايو هو ته جنگ جي شروعاتي ڏينهن ۾ جهاز ڪرڻ ڪانپوءِ هن ايراني هوائي فوج جي ٻن پائلٽن کي گرفتار ڪيو هو جڏهن ته قطر ايراني الزامن کي سختيءَ سان رد ڪيو هو. چوڻون پائلٽ حادثي ۾ مارجي ويو هو قطري اختيارين سندس لاش هٿ ڪري ايران حوالي ڪري ڇڏيو هو

بقايا 26 روزاني عبرت

شهرن مان آيل ماڻهن جي مسئلن بابت ڳالهائي دوران عبرت سان ڳالهائيندي چيو ته ڏاڍو ٿيل آزاد ڪشمير جي اليڪشن ۾ بغض ۾ پ پ کان نالي ۾ چونڊون کٽيون ويون آهن. جيڪو ريو مسلم ليگ ن کي ڏاڍو مهانگو پوندو اسان ڪشمير جي مسئلي کي هر فورم تي اجاگر ڪيو آهي. بلاول ڀٽو زرداري پرڏيهي وزير جي حيثيت سان دنيا جي 80 کان وڌيڪ ملڪن ۾ ڪشمير جي مسئلي کي اجاگر ڪيو پارٽي جو هر هڪ ورڪر بلاول ڀٽو سان گڏ آهي. پ پ جنهن وقت به اعلان ڪندي ته عوام جي طاقت سان بلاول ڀٽو وزيراعظم بڻجي ويندو پ پ عوامي پارٽي آهي. ورڪرن پارٽي کي رت ڏنو آهي

بقايا 27 روزاني عبرت

ڪرڻ خوراڪ جي تحفظ کي مضبوط ڪرڻ عوامي خدمتن جي فراهمي کي بهتر بڻائڻ توانائي جي ضابطن کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ سيڪيورٽي انفراسٽرڪچر کي مضبوط ڪرڻ صنعتي سيڙپڪاري کي بيهر زندهه ڪرڻ ۽ اداري جاتي حڪمراني کي سڌو سنئون چڱو بڻائڻ لاءِ وسيع پيماني تي قدمن جي منظوري ڏني وئي. وڏي وزير لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي ته صوبائي حڪومت آبادگارن جي تحفظ، سستي قيمتن تي ضروري شين جي دستيابي کي يقيني بڻائڻ، عوامي ادارن کي مضبوط ڪرڻ ۽ سيڙپڪاري ۽ اقتصادي ترقي لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. ڪابينا ڪڻڪ جي ذخيري جي صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو ۽ ڪيس آگاهه ڪيو ويو ته سنڌ وٽ ڪل 4.84 ملين ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ دستياب آهي، جنهن ۾ 2026 جي پيداوار جي 4.70 ملين ميٽرڪ ٽن ۽ اڳوڻي بچيل ذخيري جو 0.14 ملين ميٽرڪ ٽن شامل آهي. ڪابينا عالمي سپلائي چين جي خرابين ۽ وڌيڪ مال برداري جي خرچن جي ڪري ربيع 2026-27 جي سيزن لاءِ ڊي اي پي ڀاڻ جي قيمتن ۾ متوقع واڌ جو جائزو ورتو تفصيلي غور ويچار ڪانپوءِ ڪابينا 25 ايڪڙن تائين زمين رکندڙ ڪڻڪ جي آبادگارن لاءِ سبسڊي پيڪيج جي منظوري ڏني. ان سان گڏ نون هارين جي رجسٽريشن لينڊ روينيو اختيارين ذريعي تصديق ۽ اڳ ۾ موجود رجسٽريشن جي نئين سر توثيق جي منظوري پڻ ڏني وئي. رجسٽريشن ۽ تصديق لاءِ گهربل فنڊ پڻ منظور ڪيا ويا. وڏي وزير چيو ته حڪومت عالمي مارڪيٽ جي دٻاءُ کي ننڍن ۽ وچولي درجي جي آبادگارن تي ناجائز بوجهه وجهڻ جي اجازت نه ڏيندي اسان جي هارين کي عالمي مارڪيٽ جي جهٽڪن جو بوجهه نه کڻڻ گهرجي. سنڌ حڪومت خوراڪ جي تحفظ کي محفوظ رکڻ ۽ زرعي پيداوار کي برقرار رکڻ لاءِ ننڍن ۽ وچولي درجي جي آبادگارن جي مدد جاري رکندي. وڏي وزير هڪ ڪميٽي جوڙي جنهن ۾ وزير فوڊ محمد بخش خان مهر، وزير آبپاشي جام خان شورو، خاص مددگار راجوير سنگهه ۽ وزير ثقافت ذوالفقار شاهه شامل آهن جيڪا ڊي اي پي سبسڊي ۽ ڪڻڪ جي امدادي قيمت بابت سفارشون ڪندي ۽ ايندڙ خريداري واري چڪر لاءِ طريقيڪار تيار ڪندي

بقايا 28 روزاني عبرت

ميرٽ تي ٻڌل آهي پي ٽي آءِ گهيراءُ بدران قانوني رستو اختيار ڪري ها ته ريليف اڳ ملي وڃي ها. رانا ثناءالله چيو ته تحريڪ انصاف وڏي دير ڪئي سڌو رستو اهو ئي هو تحريڪ انصاف درست فورم تي ڪيس رکيس جنهن جو فيصلو ميرٽ موجب آيو آهي. هن چيو ته تحريڪ انصاف اڄ عدالت جي واکاڻ ڪري رهي آهي. پي ٽي آءِ کي گهرجي ته جڏهن فيصلو پنهنجي پسند جو نه هجي تڏهن به عدالتن جو احترام ڪري. اپوزيشن سان ڳالهين بابت رانا ثناءالله چيو ته ڳالهين بابت وزيراعظم جي آڇ ڊگهي عرصي کان موجود آهي، پر اپوزيشن طرفان ان تي هاڪاري ردعمل ناهي مليو. نوان صوبا ٺاهڻ بابت سندس چوڻ هو ته صوبن جي حوالي سان هن وقت تائين رڳو بحث برائي بحث ٿي رهيو آهي. جڏهن ڪا واضح ڳالهه سامهون ايندي ته مسلم ليگ ن پنهنجي راءِ قائم ڪندي

بقايا 29 روزاني عبرت

انڪشاف ٿيو آهي جڏهن ته ٽائون ڪميٽي ڪيمي جي پار جا آفيسر اختلافن سبب پي اي سي کي آڊٽ رڪارڊ پڻ فراهم نه ڪري سگهيا. پي اي سي اجلاس ۾ ٽائون آفيسر پاران ٽائون چيئرمين تي ٽائون جو سمورو سرڪاري رڪارڊ پنهنجي تحويل ۾ رکڻ جي الزام ڪانپوءِ پي اي سي مڪاني ڪاتي کي ٽائون ڪميٽي ڪيمي جي پار جو سمورو رڪارڊ ٽن ڏينهن اندر حاصل ڪرڻ ۽ معاملي جي جاچ ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. پي اي سي سنڌ جي سمورن لوڪل ڪائونسلز ۾ ايمرجنسي جي نالي تي ڪيترن ئي ڪوٽيشنز ذريعي ڪروڙين رپيا خرچ ڪرڻ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي سمورين لوڪل ڪائونسلز کي ٽينڊرز کانسواءِ ڪوٽيشنز ذريعي ڪم ڪرائڻ کان روڪي ڇڏيو اڱاري ڏينهن پي اي سي جو اجلاس چيئرمين نثار احمد کهڙو جي صدارت هيٺ ڪميٽي روم ۾ ٿيو اجلاس ۾ ڪميٽي ميمبرن قاسم سومرو، مخدوم فخر الزمان، طاهر احمد سميت مڪاني ڪاتي جي ايڊيشنل سيڪريٽري، ميونسپل ڪمشنر ۽ ٽائون آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ميرپورخاص ڊويزن جي لوڪل ڪائونسلز جي آڊٽ پيرائن جو جائزو ورتو ويو. اجلاس دوران عمرڪوٽ ضلعي جي تعلقي ڏاهلي جي ٽائون ڪميٽي ڪيمي جي پار ۾ ٽائون چيئرمين ۽ ٽائون آفيسر وچ ۾ اختلافن ۽ انتظامي معاملا لٽ ٿيڻ جو ان وقت انڪشاف ٿيو جڏهن ٽائون آفيسر اعجاز خاصخيلي آڊٽ رڪارڊ فراهم نه ڪرڻ جي وضاحت ڏيندي پي اي سي کي ٻڌايو ته ٽائون جو سمورو سرڪاري رڪارڊ ٽائون چيئرمين ممتاز علي راهمون جي تحويل ۾ آهي ۽ هو اهو رڪارڊ اسان کي فراهم نه ڪري رهيو آهي ان سلسلي ۾ ضلعي انتظاميا، ريجنل ڊائريڪٽر ۽ مڪاني ڪاتي کي لکت ۾ پڻ شڪايت ڪئي وئي آهي جڏهن ته رڪارڊ فراهم نه ٿيڻ جي معاملي تي اڳ ۾ به هڪ ٽائون آفيسر معطل ٿي چڪو آهي. پي اي سي چيئرمين نثار کهڙو پڇائو ڪيو ته سرڪاري رڪارڊ پنهنجي تحويل ۾ رکڻ تي قانون ڪهڙي ڪارروائي تجويز ڪري ٿو؟ ڪميٽي ميمبر قاسم سومرو چيو ته پهرين مرحلي ۾ مڪاني ڪاتو ٽن ڏينهن اندر ٽائون ڪميٽي جو رڪارڊ حاصل ڪري ۽ معاملي جي جاچ ڪرائي جيڪڏهن ٽائون چيئرمين ملوث ثابت ٿيو ته ايڪٽ تحت ٽائون چيئرمين خلاف ڪارروائي لوڪل گورنمينٽ ڪميشن ڪري سگهي ٿي جنهن لاءِ معاملو ڪميشن ڏانهن موڪلي سگهجي ٿو ريجنل ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ ميرپورخاص ٻڌايو ته ٽائون چيئرمين ٽائون آفيسر جي مقرريءَ کان خوش نه آهي ان ڪري هو رڪارڊ فراهم نه ڪري رهيو آهي. ٽائون آفيسر پي اي سي کي ٻڌايو ته ٽائون جي 93 ملازمن جي پگهارن تي هر مهيني 64 لک رپيا خرچ ٿين ٿا ان کان علاوه ٽائون ۾ ڪو به ڪم نه ٿو ٿئي. جڏهن ته ٽائون جي اڪائونٽ ۾ ساڍا ٽي ڪروڙ رپيا موجود آهن ۽ ٽائون چيئرمين جي ڪائونٽر صحيح سبب بئنڪ پڻ اڪائونٽ اسٽيٽمينٽ فراهم نه ڪري رهي آهي. اجلاس ۾ اهو پڻ انڪشاف ٿيو ته ٽائون ڪميٽي ڪيمي جي پار جي ڪنهن به علائقي ۾ هڪ به ڊرينيج نالي موجود نه هجڻ باوجود ٽائون ڪميٽي ۾ 15 سوئيپرز مقرر آهن جن جي پگهارن جي مد ۾ هر مهيني لکين رپيا خرچ ٿي رهيا آهن. پي اي سي ٽائون آفيسر پاران ٽائون چيئرمين تي ٽائون جو سمورو سرڪاري رڪارڊ پنهنجي تحويل ۾ رکڻ واري الزام تي مڪاني ڪاتي کي ٽائون ڪميٽي ڪيمي جي پار جو سمورو رڪارڊ ٽن ڏينهن اندر حاصل ڪرڻ ۽ معاملي جي جاچ ڪرائڻ جو حڪم ڏنو جڏهن ته ذميوارن جو تعين ڪري رپورٽ پيش ڪرڻ جي پڻ هدايت ڪئي

بقايا 30 روزاني عبرت

ڏني جنهن جي نتيجي ۾ 18 ورهين جي فاطمه زهره ڌيءَ منير شاهه مارجي وئي، جڏهن ته سندس مڙس اڪبر علي ولد شاهد علي ۽ عمر ولد سميع الله سخت زخمي ٿي پيا واقعي ڪانپوءِ پوليس مختلف رخن کان جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته فائرنگ جو اصل ڪارڻ ۽ واقعي ۾ ملوث جوابدارن جي سڃاڻپ اڃا تائين سامهون نه اچي سگهي آهي زخمين کي فوري طبي امداد لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو. جتي پوليس موجب اڪبر علي کي فائرنگ دوران ڇهه گوليون لڳيون آهن جنهن سبب سندس حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي پوليس واقعي واري هنڌ تان اهم شاهديون ۽ ثبوت گڏ ڪرڻ جو عمل شروع ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته اکين ڏٺن شاهدن ۽ زخمين جا بيان پڻ قلمبند ڪيا پيا وڃن

بقايا 31 روزاني عبرت

ضياءُ الحسن لنجار جي صدارت هيٺ سنڌ اسيمبليءَ ۾ منعقد ٿيو اجلاس ۾ سينيئر ميمبر بورڊ آف روينيو خالد حيدر شاهه سنڌ گورنمينٽ لينڊز مئنيجمينٽ ايڪٽ 2026 جي مختلف پهلوئن، قانوني شقن ۽ ان جي عملي نفاذ بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. اجلاس ۾ ايڪٽ جي مختلف شقن، قانوني تقاضائن، سرڪاري زمينن جي انتظام، تحفظ، شفاف استعمال ۽ نئين قانوني فريم ورڪ تحت زمين سان لاڳاپيل معاملن کي وڌيڪ منظم بڻائڻ جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ قانون، بلديات، صنعت ۽ واپار ۽ سيڙپڪاريءَ سان لاڳاپيل معاملن سميت مختلف کاتن وچ ۾ باهمي رابطو رکڻ ۽ انتظامي معاملن تي پڻ غور ڪيو ويو سنڌ جي گهرو، قانون ۽ پارلياماني معاملن کاتن واري وزير ضياءُ الحسن لنجار اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته سرڪاري زمينن جي تحفظ، بهتر مئنيجمينٽ ۽ شفاف طريقيڪار لاءِ اداراتي قانوني نظام ناگزير آهي. سنڌ گورنمينٽ لينڊز مئنيجمينٽ ايڪٽ 2026 تحت سرڪاري زمينن جي انتظام ۽ انصرام کي وڌيڪ اداراتي منظم ۽ شفاف بڻايو ويندو هن هدايت ڪئي ته سرڪاري زمينن جي استعمال، الاٽمينٽ ۽ مئنيجمينٽ سان لاڳاپيل سمورن معاملن ۾ قانون جي مڪمل پاسداري ۽ شفافيت کي يقيني بڻايو وڃي. جڏهن ته نئين قانون جو بنيادي مقصد سرڪاري زمين جي تحفظ سان گڏوگڏ ان جي اداراتي ۽ عوامي مفاد ۾ استعمال کي يقيني بڻائڻ آهي. صوبائي وزير چيو ته لينڊ الاٽمينٽ جي حوالي سان عالمي سطح تي نافذ قانونن ۽ طريقيڪار جو پڻ جائزو ورتو وڃي ته جيئن بين الاقوامي اصولن ۽ بهترين طريقيڪار کي مدنظر رکندي اداراتيون SOPs تيار ڪري سگهجن. هن سمورن لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي ته سنڌ گورنمينٽ لينڊز مئنيجمينٽ ايڪٽ 2026 جي اداراتي نفاذ لاءِ باهمي رابطو رکڻ ۽ مضبوط حڪمت عملي کي يقيني بڻايو وڃي. قانون جي نفاذ ۾ ڪنهن به قسم جي ابهام يا قانوني پيچيدگيءَ کي دور ڪرڻ لاءِ سمورن لاڳاپيل معاملن جو باريڪ بينيءَ سان جائزو ورتو وڃي. ضياءُ الحسن لنجار چيو ته سرڪاري زمين سان لاڳاپيل معاملن ۾ اداري جي ذميواري، شفافيت ۽ جوابدهيءَ جي اصولن کي ترجيح ڏني ويندي، جڏهن ته لاڳاپيل کاتا ايڪٽ جي عملي نفاذ لاءِ پنهنجون سفارشون ۽ تجويزون وڌيڪ اداراتي انداز ۾ مرتب ڪن. هن واضح ڪيو ته سرڪاري زمين قومي ۽ صوبائي اثاثو آهي ان جي تحفظ ۽ درست استعمال تي ڪوبه سمجهوتو نه ڪيو ويندو. اجلاس ۾ ان ڳالهه تي به زور ڏنو ويو ته سنڌ گورنمينٽ لينڊز مئنيجمينٽ ايڪٽ 2026 تحت سرڪاري زمين جي اداراتي شفاف ۽ منظم انتظام کي يقيني بڻائڻ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن ۽ سرڪاري زمينن جي ريڪارڊ، استعمال ۽ مئنيجمينٽ جي نظام ۾ شفافيت ۽ جوابدهيءَ کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي. بلديات واري وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو ته سرڪاري زمين جي اداراتي شفاف ۽ منظم انتظام لاءِ عملي قدم ناگزير آهن جڏهن ته سرڪاري زمينن جي ريڪارڊ، استعمال ۽ مئنيجمينٽ جي نظام ۾ شفافيت ۽ جوابدهيءَ کي يقيني بڻايو ويندو. صنعت ۽ واپار واري وزير جام اڪرام الله ڌاريجو چيو ته سنڌ گورنمينٽ لينڊز مئنيجمينٽ ايڪٽ 2026 صوبي ۾ سرڪاري زمين جي بهتر انتظام ۽ اداراتي استعمال ڏانهن هڪ اهم اڳڀرائي آهي. سرڪاري زمين سان لاڳاپيل معاملن ۾ اداراتي رابطيڪاري ۽ واضح پاليسيءَ تي اداراتي عملدرآمد وقت جي اهم ضرورت آهي. سيڙپڪاري کاتي بابت خاص مددگار چيو ته سرڪاري زمين جي شفاف ۽ اداراتي انتظام سان سيڙپڪاريءَ لاءِ نوان موقعا پيدا ٿيندا ۽ صوبي ۾ ڪاروباري سرگرمين کي هٿي ملندي. هن چيو ته ايڪٽ 2026 جي قانوني پهلوئن ۽ ان جي اداراتي نفاذ لاءِ سمورن ضروري قانوني تقاضائن کي مدنظر رکيو ويندو. اجلاس ۾ ايڪٽ 2026 تحت ٿي آئيندي جي لائحهعمل، مختلف کاتن جي ذميوارين ۽ قانون جي عملي نفاذ سان لاڳاپيل اهم معاملن تي پڻ اڳڀرائيءَ جو جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ سنڌ گورنمينٽ لينڊز مئنيجمينٽ ايڪٽ ۾ ترميمن جي حوالي سان هڪ پنج رڪني ڪميٽي قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ڪميٽيءَ ۾ سيڙپڪاري بابت خاص مددگار، سينيئر ميمبر بورڊ آف روينيو، ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ، پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ ۽ سيڪريٽري قانون شامل هوندا. ڪميٽي ايڪٽ جي مختلف شقن، قانوني ۽ انتظامي معاملن ۽ ترميمن سان لاڳاپيل سفارشن جو جائزو وٺي آئيندي جو لائحهعمل مرتب ڪندي، ته جيئن سنڌ ۾ سرڪاري زمينن جي انتظام، تحفظ، شفاف استعمال ۽ اداراتي مئنيجمينٽ لاءِ هڪ جامع ۽ قابل عمل نظام يقيني بڻائي سگهجي. اجلاس ۾ وزير بلديات، وزير صنعت ۽ واپار، سيڙپڪاري بابت خاص مددگار، ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ، پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ، سيڪريٽري قانون، سيڪريٽري لينڊ يوٽيلائيزيشن ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا 32 روزاني عبرت

مرحوم جي جنازي نماز سومر ڏينهن 17 آگسٽ 2026ع تي راول مسجد، هل پارڪ پرسان، پي سي ايڇ ايس ڪراچي ۾ ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ صوبائي وزير اوقاف، مذهبي معاملن، زڪوات ۽ عشر سيد رياض حسين شاهه شيرازي، صوبائي وزير ثقافت، سياحت، نوادرات ۽ آرڪائيوز سيد ذوالفقار علي شاهه، ڪراچي جي ڊپٽي ميئر سلمان مراد، سينيٽر يوسف بلوچ، ايس ايس پي عرفان بهادر، ايم پي اي آصف خان، ايم پي اي صلاح الدين جونيجو سميت ٻين معزز شخصيتن شرڪت ڪئي. شرڪت ڪندڙن مرحوم جي مغفرت ۽ درجن جي بلندي لاءِ دعا گهري، جڏهن ته سوڳوار خاندان سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪندي مرحوم جي مغفرت ۽ وارثن لاءِ صبر جميل جي دعا پڻ ڪئي. مرحوم جو ٽيجهو اربع ڏينهن 19 آگسٽ 2026ع تي ايڇ بي هائوس، پٽ آئيلنڊ، ڪياماڙي، ڪراچي ۾ منعقد ڪيو ويندو.

بقايا 33 روزاني عبرت

۾ ٻوڏ واري صورتحال جي اڳواٽ اطلاع جي حوالي سان ٽيلي ميٽرنگ سسٽم لڳائڻ تي ڪم جاري آهي اڱاري ڏينهن قومي اسيمبليءَ ۾ مختلف اعتراض وارن نڪتن جو جواب ڏيندي هن چيو ته ايوان ۾ ٻوڏ جي تباهڪارين جي حوالي سان سوال اٿاريا ويا، اها تجويز ڏني وئي ته ان حوالي سان اڳواٽ اطلاع جو سسٽم هئڻ گهرجي ارلي وارننگ سسٽم تحت ٽيلي ميٽرنگ سسٽم لڳايو پيو وڃي جنهن سان سنڌيءَ ريت اطلاع حاصل ڪري سگهبا. هن ٻڌايو ته فيڊرل فلڊ ڪميشن جو نمائندو اين ڊي ايم اي سان روزانو جي بنياد تي رابطي ۾ هن هاڻ به هفتي ۾ به پيرا ملاقاتن جو سلسلو جاري آهي جتي ٻوڏ جي صورتحال جو جائزو ورتو پيو وڃي. پ پ جي ميمبر شبير علي بجاراڻي چيو ته ايوان کي ٻڌايو وڃي ته موسمياتي تبديلين کي منهن ڏيڻ لاءِ آبي وسيلن واري وزارت ڪهڙا قدم کنيا آهن؟ هن چيو ته ٻوڏ متاثرن لاءِ ورلڊ بئنڪ جو ڊالر فنڊ روڊن جي تعمير تي لڳائڻ جي ڳالهه ٿي آهي ان مسئلي کي حل ڪيو وڃي. سيد حسين طارق چيو ته ٻوڏ کي منهن ڏيڻ جي حوالي سان جامع لائحهعمل يا پاليسيءَ کان آگاهه ڪيو وڃي يا ان معاملي کي ڪميٽيءَ ۾ بحث هيٺ آندو وڃي. ملڪ اسد سڪندر اعتراض واريندي چيو ته اسان جي علائقي ۾ 18-18 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ آهي. ان جو نوٽيس ورتو وڃي زرعي فيڊر تي لوڊشيڊنگ آهي صنعتي فيڊر تي ناهي ان جي خاتمي جي خاطري ڪرائڻ باوجود اڃا تائين اهو سلسلو جاري آهي. شاهده رحماني چيو ته ڪي اليڪٽرڪ ۾ اووربلنگ وڌيڪ آهي گيس جي لوڊشيڊنگ وڌيڪ آهي ڪوريئر ذريعي زهريلي دوائن جي سپلاءِ جو نوٽيس ورتو وڃي ايم نائن ۽ ايم ٽين کي ٺٺو بڻايو وڃي انهن شين سان محروميون وڌي ٿيون. خورشيد جوڻيجو چيو ته شهدادڪوٽ کان گنبٽ تائين 2022ع ۾ ٻوڏ ۾ روڊ تباهه ٿيو ان لاءِ فنڊز به رکيا ويا جيڪي خضدار سيڪٽر ۾ منتقل ڪيا ويا، اهو معاملو ڪميٽيءَ کي اماڻيو وڃي.

بقايا 34 روزاني عبرت

ايوارڊ تي عملدرآمد جي نگراني سان لاڳاپيل جولاءِ کان ڊسمبر 2024ع جي شروعاتي 6 ماهي رپورٽ پيش ڪئي وئي. اڱاري ڏينهن سينيٽ جي اجلاس دوران ناڻي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني اها رپورٽ ايوان ۾ پيش ڪئي.

بقايا 35 روزاني عبرت

ٿاڻي ۾ مشهور ٽي وي ميزبان ۽ اداڪار ساحر گوهر لودهي خلاف مالي ڏيتي ليتي جي معاملي تي ڪروڙين رپين جي ماليت جا چيڪ باؤنس ٿيڻ جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. پوليس موجب ڪيس نذر محمد ولد وڪيل احمد جي فرياد تي داخل ڪيو ويو ايف آءِ آر نمبر 1569/2026 ۾ فريادي موقف اختيار ڪيو ته سندس جوابدار ساحر گوهر لودهي سان مالي ڏيتي ليتي هئي. فريادي موجب جوابدار رقم جي ادائيگي لاءِ بينڪ الحبيب قائدآباد برانچ جا مختلف چيڪ جاري ڪيا، پر لاڳاپيل بئنڪ اڪائونٽ ۾ گهربل رقم موجود نه هجڻ سبب سمورا چيڪ ڊس آنر (باؤنس) ٿي ويا. باؤنس ٿيل چيڪن ۾ 2.2 لک رپين جا چار چيڪ، 9.9 لک رپين جا ٻه چيڪ، جڏهن ته 45 لک ۽ 20 لک رپين جا چيڪ پڻ شامل آهن. پوليس موجب واقعي بابت وڌيڪ قانوني ڪارروائي جاري آهي.

بقايا 36 روزاني عبرت

عورت جي لاش ملڻ سميت 5 ڄڻا مارجي ويا. بلديا ٽائون جي علائقي سوات ڪالوني ۾ سوات هوٽل جي ويجهو روڊ حادثي ۾ عامر ولد حميد فوت ٿي ويو. مليو ٻڪرا پڙي روڊ جي ويجهو روڊ ڪناري تان نامعلوم شخص جو لاش مليو اقبال مارڪيٽ ٿاڻي جي حد اورنگي ٽائون سيڪٽر ساڍا يارهن رئيس امروهي چوڪ جي ويجهو روڊ ڪناري تان نامعلوم شخص جو لاش مليو لانڍي جي علائقي مانسهرا ڪالوني جي ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار اياز ولد عبدالوحيد فوت ٿي ويو ۽ سهيل ولد جهانزيب زخمي ٿيو سپر هاءِ وي تي جمالي پل بائيڪو پمپ جي ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ سخت زخمي عورت شهناز زال عبدالحڪيم علاج جي دوران عباسي شهيد اسپتال ۾ فوت ٿي وئي. شرافي ڳوٺ ٿاڻي جي حد ڪورنگي باغ جي ويجهو شيرواني سٽي جي لڳ 19 سالن جي عورت ٽنڪ ڌي صابر جو لاش مليو لاش ايڌي ايمبولينس جي ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي.

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
اسين پاڪستاني هُجڻ تي ڪڏهن فخر ڪنداسين؟
صفحو 4

محمد خان ابڙو
سنڌ جي وحدت خلاف سازشون!
صفحو 4

فيس ريڪگنيشن سان تدريسي معيار ڪيئن بهتر ٿيندو؟
محمد اسلم سميجو
صفحو 4

مختيار انڙ
اڄوڪو ڏينهن ـــ 19 آگسٽ
صفحو 4

مهراڻ يونيورسٽي پاران ٽئين آيل بيچ جي لاءِ اسڪالرشپ حاصل ڪرڻ جي طريقن بابت آگاهي سيمينار

داخل ٻارن مان ويهه سيڪڙو ٻارن کي مهراڻ يونيورسٽي جي پنهنجي وسيلن ۽ ذريعن مان اسڪالرشپ ملي رهي آهي: وي سي

جيڪڏهن اهڙو ضرورت مند ۽ حقدار پئسن ڪري پڙهائي ڇڏي رهي ته پوءِ اسان کي هنن سيٽن تي هجڻ جو ڪوئي حق ناهي

ڪو شاگرد اسڪالرشپ جو ضرورت مند آهي اهو اسٽوڊنٽس فنانشل ايڊ آفيس سان رابطي ۾ اچي پاڻ کي رجسٽر ڪرائي

ڄامشورو وي سي مهراڻ يونيورسٽي ڊاڪٽر طحه حسين علي شاگردن کي اسڪالر شپ بابت سيشن ڏيندي

ڄامشورو(پ ر) مهراڻ يونيورسٽي جي اسٽوڊنٽ فنانشل ايڊ آفيس پاران ٽئين آيل بيچ (بيچ 26) جي لاءِ اسڪالرشپ حاصل ڪرڻ جي طريقن بابت آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو مهراڻ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طحه حسين علي چيو ته داخل ٻارن مان ويهه سيڪڙو ٻارن کي مهراڻ يونيورسٽي جي پنهنجي وسيلن ۽ ذريعن مان اسڪالرشپ ملي رهي آهي 1400 کان 1600 شاگردن ۽ شاگردياڻين کي اسڪالرشپ ڏني ويندي آهي هر سال هن چيو ته مهراڻ يونيورسٽي جا استاد ۽ آفيسر اسڪالرشپ ڏيندڙن ۾ شامل آهن هن چيو ته مهراڻ يونيورسٽي کان ٻاهريان ادارا ڪمپنيون ۽ فرد پڻ اسڪالرشپ ڏيندڙن ۾ شامل آهن پروفيسر ڊاڪٽر طحه حسين علي چيو ته مهراڻ جو نعرو آهي ته ڪو به ضرورت مند شاگرد پئسن نه هجڻ ڪري پڙهائي نه ڇڏيندو جيڪڏهن اهڙو ضرورت مند ۽ حقدار پئسن ڪري پڙهائي ڇڏي رهي ته پوءِ اسان کي هنن سيٽن تي هجڻ جو ڪوئي حق ناهي وائيس چانسلر چيو ته اسڪالرشپ ميرٽ وارن شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ به آهي ڊاڪٽر طحه حسين مطابق مهراڻ ۾ داخل ٿيندڙ هر شاگرد جو معاشي رڪارڊ ۽ پروفائيل فنانشل ايڊ آفيس وٽ موجود هوندو آهي پر جيڪڏهن ڪو شاگرد اسڪالرشپ جو ضرورت مند آهي اهو اسٽوڊنٽس فنانشل ايڊ آفيس سان رابطي ۾ اچي پاڻ کي رجسٽر ڪرائي سيمينار کي اسٽوڊنٽس فنانشل ايڊ آفيس جي فوڪل پرسن ڊاڪٽر سڪندر عالماڻي خطاب ڪندي چيو ته اسڪالرشپس جي کوٽ ناهي شاگردن کي محنت ڪرڻ گهرجي ضرورت مند ۽ ميرٽ وارن شاگردن کي معيار ۽ قاعدي قانون مطابق اسڪالرشپ ڏني ويندي سيمينار ۾ مهراڻ يونيورسٽي ۾ آيل ٽئين بيچ جي شاگردن ۽ شاگردياڻين شرڪت ڪئي

ڊي جي صحت سنڌ ڊاڪٽر پرويز شيخ سکر پهتو، تعلقي اسپتال روهڙي ۽ پنو عاقل جا هنگامي دورا

اسپتالن ۾ صحت جون سهولتون، دوائن جي دستيابي، عملي جي حاضري، صفائي سٿرائي ۽ طبي سهولتن جو جائزو ورتو

هاڻي سخت فيصلا ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي، اسپتالن ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت برداشت نه ڪئي ويندي: ڊاڪٽر پرويز شيخ

سنڌ جي سمورن اسپتالن جا هنگامي ۽ اوچتا دورا جاري رکيا ويندا، جيئن عوام کي معياري ۽ بروقت طبي سهولتن جي فراهمي يقيني بڻائي سگهجي

سکر(بيورو رپورٽ) ڊائريڪٽر جنرل صحت سنڌ ڊاڪٽر پرويز شيخ اوچتو سکر پهچي ويو جتي هن ڊائريڪٽر صحت سکر ڊويزن ڊاڪٽر فرخ امتياز پنهور سان گڏ تعلقي اسپتال روهڙي ۽ تعلقي اسپتال پنو عاقل جا هنگامي دورا ڪيا. دوري دوران ڊي جي صحت سنڌ اسپتالن ۾ صحت جون سهولتون، دوائن جي دستيابي، عملي جي حاضري، صفائي سٿرائي ۽ مريضن کي فراهم ڪيل طبي سهولتن جو تفصيلي جائزو ورتو هن مريضن ۽ سندن وارثن سان ملاقات ڪري سندن مسئلا ۽ شڪايتون پڻ ٻڌيون ۽ لاڳاپيل ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽس کي مريضن جا مسئلا فوري طور حل ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون تعلقي اسپتال روهڙي ۾ ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ ۽ ڊي ايڇ او سکر ڊاڪٽر علي گل شاهه جڏهن ته تعلقي اسپتال پنو عاقل ۾ ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ ڊاڪٽر آصف شيخ اسپتال جي ڪارڪردگي ۽ فراهم ڪيل طبي سهولتن بابت ڊي جي صحت سنڌ کي بريفنگ ڏني ڊي جي صحت سنڌ ڊاڪٽر پرويز شيخ واضح ڪيو ته هاڻي سخت فيصلا ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي اسپتالن ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت، لاپرواهي يا فرضن ۾ ڪوتاهي هرگز برداشت نه ڪئي ويندي ۽ اهڙي ڪوتاهي جا سنگين نتيجا نڪرندا. هن چيو ته سنڌ جي سمورن اسپتالن جا هنگامي ۽ اوچتا دورا جاري رکيا ويندا، جيئن عوام کي معياري ۽ بروقت طبي سهولتن جي فراهمي يقيني بڻائي سگهجي ڊاڪٽر پرويز شيخ اسپتال انتظاميا کي هدايت ڪئي ته عملي جي حاضري يقيني بڻائڻ لاءِ فوري طور تي بائيو ميٽرڪ حاضري جو نظام فعال ڪيو وڃي ان سان گڏ اسپتالن ۾ بنيادي سهولتن، دوائن جي دستيابي ۽ مريضن جي سار سنڀال جي معيار کي وڌيڪ بهتر بڻايو وڃي

سنڌ ۾ 61 سيڪڙو برساتون گهٽ پيون، جنهن جي ڪري زمينون بنجر ٿيڻ لڳيون: زرعي ماهر

سنڌ جون جاگرافيائي ۽ ماحولياتي حالتون تيزيءَ سان خشڪ بياباني علائقي (ايرڊ زون) ۾ تبديل ٿي رهيون آهن

يونيورسٽين ۾ ٿيندڙ سائنسي تحقيق، خاص طور تي پي ايڇ ڊي جي تحقيقي مقالن کي عام فهم ۽ مقامي ٻولين ۾ منتقل ڪرڻ گهرجي

زرعي سائنسدانن ۽ ماحولياتي ماهرن پاران گلوبل سائنٽيفڪ ڪوآرڊينيشن، زرعي ڊجيٽلائيزيشن ۽ مٽيءَ جي جيوت جي تحفظ جون تجويزون جاري

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) زرعي سائنسدانن ۽ ماحولياتي ماهرن سنڌ کي موسمياتي تبديليءَ جي وڌندڙ اثرن کان بچائڻ، گرين اڪانامي کي هٿي وٺرائڻ ۽ مٽيءَ جي حياتياتي وائيبو متبادل (مٽيءَ جي جيوت) جي تحفظ لاءِ هنگامي بنيادن تي اثرائتا قدم کڻڻ تي زور ڏيندي عالمي سطح تي گلوبل سائنٽيفڪ ڪوآرڊينيشن قائم ڪرڻ جي تجويز ڏني آهي. ماهرن مطالبو ڪيو آهي ته مٽيءَ ۾ موجود جيوت کي مفت ۾ موجود وسيلو سمجهڻ بدران ان کي قدرتي سرمايو (نيچرل ڪيپيٽل) تسليم ڪيو وڃي. سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي سنڌ زرعي سائنس سوسائٽي پاران وائيس چانسلر انجنيئر پروفيسر ڊاڪٽر الطاف علي سيال جي صدارت هيٺ ”سوائل کان سوسائٽي تائين“ جي عنوان سان هڪ خاص سيمينار ۽ ليڪچر منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ماهرن سنڌ ۾ تبديل ٿيندڙ موسمي حالتن مٽيءَ جي صحت، حياتياتي تنوع ۽ زرعي معيشت کي درپيش خطرن تي تفصيلي روشني وڌي. تقريب کي صدارتي خطاب ڪندي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر الطاف علي سيال چيو ته سنڌ جون جاگرافيائي ۽ ماحولياتي حالتون تيزيءَ سان خشڪ بياباني علائقي (ايرڊ زون) ۾ تبديل ٿي رهيون آهن هن انڪشاف ڪيو ته هلندڙ سال جولاءِ مهيني دوران سنڌ ۾ گذريل سالن جي ڀيٽ ۾ 61 سيڪڙو گهٽ برساتون رڪارڊ ٿيون آهن جيڪا زراعت، آبي وسيلن ۽ مٽيءَ جي صحت لاءِ انتهائي ڳڻتيءَ جوڳي صورتحال آهي. هن چيو ته مٽيءَ جي صحت ۽ حياتياتي جيوت کي رڳو زرعي مسئلو سمجهڻ بدران ان کي معيشت، روزگار ۽ مجموعي قومي پيداوار جي تناظر ۾ ڏسڻ جي ضرورت آهي. چاڪاڻ ته مٽيءَ جي زرخيزي ۾ گهٽتائي سڌيءَ ريت زرعي پيداوار، آبادگارن جي آمدني ۽ غذائي تحفظ کي متاثر ڪري ٿي ڊاڪٽر الطاف علي سيال چيو ته يونيورسٽين ۾ ٿيندڙ سائنسي تحقيق، خاص طور تي پي ايڇ ڊي جي تحقيقي مقالن کي عام فهم ۽ مقامي ٻولين ۾ منتقل ڪرڻ گهرجي ته جيئن تحقيق جا فائدا ليبارٽرين ۽ لائبريرين تائين محدود نه رهن، پر عام آبادگار تائين پهچن ۽ هو جديد سائنسي ڄاڻ مان فائدو وٺي پنهنجن فصلن جي پيداوار ۽ آمدني ۾ اضافو ڪري سگهن هن چيو ته موجوده دور ڊجيٽل زراعت جو آهي جنهن ڪري آبادگارن کي جديد زرعي ٽيڪنالاجي، ڊجيٽل پليٽ فارمن، بروقت موسمي ڄاڻ ۽ جديد پيداواري طريقن کان آگاهه ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي سيمينار کي خطاب ڪندي سوائل فرٽيلٽي انسٽيٽيوٽ ٽنڊوڄام جي پرنسپل سائنسدان ۽ ڊائريڪٽر ڊاڪٽر حفيظ الله ٻبر چيو ته ڌرتيءَ جي مجموعي حياتياتي جيوت جو 25 سيڪڙو کان وڌيڪ حصو مٽيءَ جي هيٺان موجود آهي جڏهن ته سائنس اڃا تائين مٽيءَ ۾ موجود هڪ سيڪڙو کان به گهٽ مائڪرو آرگنزمز کي دريافت ڪري سگهي آهي. سنڌ جي صورتحال تي روشني وجهندي ڊاڪٽر حفيظ الله ٻبر ٻڌايو ته صوبي جي لڳ ڀڳ 62 سيڪڙو ايراضي بنجر يا محدود طور پوکي جي قابل آهي جڏهن ته تقريباً 61 سيڪڙو سوائل سم، لوڻياٺ ۽ ٻين سببن جي اثر هيٺ آهي. هن ورلڊ بئنڪ جي حوالي سان ٻڌايو ته قدرتي وسيلن جي نقصان ۽ ماحولياتي تباهي سبب سنڌ کي هر سال پنهنجي GDPجي 4 کان 6 سيڪڙو جي برابر معاشي نقصان برداشت ڪرڻو پوي ٿو جنهن مان لڳ ڀڳ 46 سيڪڙو نقصان زرعي فصلن کي پهچي ٿو ڊاڪٽر حفيظ الله ٻبر حڪومت کان مطالبو ڪيو ته مٽيءَ جي حياتياتي جيوت جي تحفظ ۽ تحقيق لاءِ فوري طور ”نيشنل سوائل بائيو ڊائيورسٽي مشن“ ۽ ”نيشنل سوائل مائڪرو بائيووم اٽلس“ قائم ڪيا وڃن جڏهن ته مختلف زرعي علائقن ۾ ”لونگ سوائل ليبارٽريز“ قائم ڪيون وڃن هن زور ڀريو ته گڏيل قومن جي پائيدار ترقيءَ جي هدفن جي حاصلات لاءِ مٽيءَ جي صحت ۽ ان جي حياتياتي نظام جي تحفظ کي قومي پاليسين جو بنيادي حصو بڻايو وڃي. تقريب کي فيڪلٽي آف ڪراپ پروڊڪشن جي ڊين ڊاڪٽر عبدالمبين لوڌي، سنڌ زرعي سائنس سوسائٽي جي صدر ڊاڪٽر ٻائي خان سولنگي ۽ ڊاڪٽر محمد يعقوب ڪونڌر پڻ خطاب ڪيو ۽ مٽيءَ جي تحفظ، سائنسي تحقيق ۽ موسمياتي تبديليءَ سان نهڪندڙ زرعي نظام جي ضرورت تي روشني وڌي. سيمينار ۾ يونيورسٽي جي استادن، زرعي تحقيق سان لاڳاپيل ماهرن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب جي پڄاڻيءَ تي شرڪت ڪندڙن پاڪستان جي 79هين جشنِ آزاديءَ جي مناسبت سان گڏجي ڪيڪ پڻ ڪاٽيو

وڏيري نبي بخش عرف نبو ٻرڙو جي وفات تي تعزيت جو سلسلو جاري، ٽيجهي جي رسم اڄ ادا ڪئي ويندي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ڳوٺ حاجي خان ٻرڙو واسي ٻرڙا برادريءَ جي معزز شخصيت مرحوم وڏيري گل حسن ٻرڙو جي فرزند وڏيري نبي بخش عرف نبو ٻرڙو جي وفات تي علائقي جي مختلف ڳوٺن سان تعلق رکندڙ سياسي سماجي مذهبي ۽ برادريءَ جي معزز شخصيتن پاران سندس وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي وڏيري نبي بخش عرف نبو ٻرڙو جي لاڏاڻي تي ٻرڙا برادريءَ ۾ ڏک ۽ سوڳ جي لهر پکڙيل آهي جڏهن ته مرحوم سان عقيدت رکندڙ ڪيترائي ماڻهو سندس وارثن سان تعزيت ڪري رهيا آهن تعزيت ڪندڙن مرحوم جي وارثن سان دلي همدردي جو اظهار ڪندي سندس وڇوڙي کي خاندان، برادري ۽ علائقي لاءِ وڏو نقصان قرار ڏنو آهي مرحوم جي وارثن وڏيري غلام النبي ٻرڙو گل حسن جونيئر گلزار خان ٻرڙو پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ ۽ جنرل ڪائونسلر وڏيري حاجي خان ٻرڙو پاڪستان پيپلز پارٽي اڳواڻ زوهيب خان ٻرڙو ۽ ٻين سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي ان موقعي تي تعزيت ڪندڙن مرحوم جي مغفرت، بلند درجات ۽ وارثن لاءِ صبر جميل جي دعا پڻ ڪئي تعزيت ڪندڙن جو چوڻ هو ته وڏيرو نبي بخش عرف نبو ٻرڙو پنهنجي برادري ۽ علائقي ۾ عزت ۽ احترام جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو سندس وڇوڙو نه رڳو سندس خاندان پر دوستن، عزيزن، مٽن مائٽن ۽ سڄي ٻرڙا

سکر ۾ ”فڪرِ امامِ اهلسنت شهيدؒ“ سيمينار

مولانا علامه علي شير حيدري شهيد جا اسان تي وڏا احسان آهن: مقررين

دشمن عنصرن جي سازش جي نتيجي ۾ 17 آگسٽ 2009ع تي هو اسان کان جدا ٿي ويا

سکر (بيورو رپورٽ) سني سلامتي پاڪستان ڊويزن سکر جي اهتمام هيٺ مرڪز اهلسنت ربانيه مسجد ۾ ”فڪرِ امامِ اهلسنت شهيدؒ“ سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ سلامتي پاڪستان جي سنڌ جي قائد سيد محمد پريل شاهه بخاري، سکر جي قائد حافظ محمد زمان رباني، قاري منير احمد انقلابي، مولانا ثناءُ الله عثماني، مولانا معشوق علي حيدري، مولانا محمد هاشم الحسيني، قاري ابوسعيد احمد عثماني، مولانا غلام الله خان، حافظ نادر حسين معاويه سميت اڳواڻن عالمن ۽ مذهبي رهنمائن شرڪت ڪئي سيمينار کي خطاب ڪندي سني سلامتي پاڪستان جي سنڌ جي قائد سيد محمد پريل شاهه بخاري ۽ ٻين مقررين حضرت امام اهلسنت مولانا علامه علي شير حيدري شهيدؒ جي ملي، ديني ۽ قومي خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته مولانا علامه علي شير حيدري شهيد جا اسان تي وڏا احسان آهن هن پنهنجي ديني جدوجهد ذريعي امت کي فتني کان آگاهه ڪيو ۽ دين ۽ عقيدي جي تحفظ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو مقررين چيو ته حضرت حيدري شهيدؒ ناموس رسالت صہ، ناموس صحابہؓ ۽ اهل بيتؑ جي تحفظ لاءِ پنهنجي جان مال عزت ۽ آبرو تائين قربان ڪري ڇڏي هن پنهنجي عملي زندگيءَ ذريعي اهو پيغام ڏنو ته دين اسلام ۽ خلافت راشده جي نظام جي اصولن جي سربلندي لاءِ هر قرباني ڏيڻ جو جذبو زنده رهڻ گهرجي اڳواڻن چيو ته حضرت حيدري شهيد پنهنجي سڄي زندگي دين اسلام جي سربلندي، عقيدن جي تحفظ ۽ ملت جي رهنمائي لاءِ وقف ڪري ڇڏي آخرڪار اسلام ۽ ملت دشمن عنصرن جي سازش جي نتيجي ۾ 17 آگسٽ 2009ع تي هو اسان کان جدا ٿي ويا ۽ شهادت جي عظيم مرتبي تي فائز ٿيا هن چيو ته سندن شهادت اسان لاءِ خوف جو نه پر عزم ۽ حوصلي جو پيغام آهي اسان حق ۽ دين جي سربلندي لاءِ پرامن ۽ آئيني جدوجهد جاري رکنداسين زندگي ۽ موت الله تعاليٰ جي هٿ ۾ آهي تنهنڪري اسان کي ڪنهن خوف ۽ ڊپ جي ضرورت ناهي سيمينار جي پڄاڻي تي سنڌ جي قائد سيد محمد پريل شاهه بخاري پاڪستان جي سلامتي، استحڪام، امن امان ۽ امت مسلم جي اتحاد لاءِ خاص دعا ڪرائي

سکر ۾ ”فڪرِ امامِ اهلسنت شهيد“ سيمينار کي سيد محمد پريل شاهه بخاري خطاب ڪندي

سکرنڊ ۾ دعوت اسلامي جو تنظيمي اجلاس

آقا ڪريم صہ جن جي ولادت جو ڏينهن ملهائڻ بابت ويچار

مدني مرڪز فيضان مدينه سکرنڊ ۾ پوري رات اجتماع جو اهتمام ڪيو ويندو

سکرنڊ (ن ع) حضور سرور ڪائنات صہ جن جي ولادت جو ڏينهن 12 ربيع الاول ڀرپور نموني سان ملهائڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جو تنظيمي اجلاس سٽي نگران علامه طلحه مدني جي اڳواڻيءَ ۾ علامه شاهذيب مدني جي رهائشگاهه تي منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ مدني عالمن حافظن ۽ دعوت اسلامي جي ذميوار اسلامي ڀائرن شرڪت ڪئي جن ۾ علامه نادر مدني، علامه عبدالخالق مدني، علامه فياض مدني، علامه شهباز مدني ۽ علامه عاشق مدني ۽ علامه عابد مدني شامل هئا اجلاس ۾ علامه طلحه مدني بيان ڪندي چيو ته آقا ڪريم صہ جن جي ولادت جو ڏينهن هر سال وانگر هن سال به شايان شان نموني سان ملهائڻ جي لاءِ صلاح مشورا ڪيا ويا جنهن تي مختلف رايا اچڻ بعد طئي ڪيو ويو ته جشن ولادت جي رات مدني مرڪز فيضان مدينه سکرنڊ ۾ پوري رات اجتماع جو اهتمام ڪيو ويندو ان دوران آقا ڪريم صہ جن جي ولادت جي گهڙي جيڪا پرهه ڦٽي (صبح صادق) واري آهي ان جي پڻ ڀرپور آجيان ڪئي ويندي اجلاس ۾ اهو پڻ

چوڪ تي پهچندو جتي نعت شريف جا نذرانا پيش ڪيا ويندا جنهن بعد جلوس طئي ٿيل مختلف رستن تان ٿيندو فيضان مدينه ۾ ئي اختتام پذير ٿيندو جتي مڪي مدني آقا صہ جن جي ولادت جي خوشيءَ ۾ لنگر جو پڻ اهتمام ڪيو ويندو اجلاس دوران سٽي نگران علامه طلحه مدني تنظيمي صورتحال جو پڻ جائزو ورتو ويو ۽ ذميوارن کي پابند ڪيو ويو ته هُو تنظيمي ذميوارين کي پورو ڪن هن اهو پڻ چيو ته مان ڪوشش ڪندس ته جيڪا تنظيمي ذميواري سٽي نگران جي ملي آهي ان کي ڀرپور نڀائيندس پر اهو تڏهن ٿيندو جڏهن اوهان سڀ اسلامي ڀائر منهنجو ساٿ ڏئي هٿ مضبوط ڪندا اجلاس ۾ حافظ شاهد نواز عطاري، حاجي شڪيل عطاري، قاري فرقان عطاري، محمد شميم عطاري، قاري نسيم عطاري، حافظ عبدالوحيد، رضوان رئيس عطاري، عمران ايوب قادري، محسن قادري، غلام نبي عطاري، روشن علي عطاري، شريف عطاري، شاهزيب خانزاده، نعيم عطاري ۽ قاضي جاويد عطاري سميت ٻيا اسلامي ڀائر پڻ شريڪ هئا

عثمان شاهه هڙي پيارولنڊ پوليس جون منشيات جي روڪٿام لاءِ ڪارروائين ۾ هٿ آيل منشيات ۽ گرفتار جوابدار

پيارولنڊ پوليس جون منشيات جي روڪٿام لاءِ ڪارروايون

پوليس جوانن سان پيارولنڊ ويجهو مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا ويا

محبوب مگسي ۽ نبي بخش عرف ٽلو مگسي کي گرفتار ڪري ورتل منشيات برآمد

عثمان شاهه هڙي(ر ت) ايس ايس پي ڪنڊولهيار سيد سليم شاهه جي هدايتن تي پيارولنڊ ٿاڻي ايس ايڇ او عبدالغفور جمالي پوليس جوانن سان پيارولنڊ ويجهو مختلف هنڌن تي منشيات جي روڪٿام لاءِ ڪارروايون ڪندي وڏي مقدار ۾ ڪچو شراب آنڊين صفينا گٽڪو هٿ ڪري 9 منشيات فروش گرفتار ڪيا جن ۾ محبوب مگسي، نبي بخش عرف ٽلو مگسي کان 200 آنڊين صفينا، وليد مستوئي ۽ عاشق مستوئي کان 250 آنڊين صفينا گٽڪو يوسف شاهه صديقي ۽ منو عرف منو جمالي کان 20 ليٽر ديسي شراب عابد برفت کان 115 هزار ڍيل ماوا گٽڪا هٿ ڪري منشيات ايڪٽ تحت ڪيس ڪري ڪين جيل موڪلي ڇڏيو ايس ايڇ او عبدالغفور جمالي صحافين کي ٻڌايو ته منشيات جي خاتمي تائين ڪارروائي جاري رهندي منشيات فروشن کي معاف نه ڪبو

حيدرآباد ۾ سماجي ڪارڪن محمد اسماعيل شيخ، جي سي آءِ المنائي ڪلب جا سينئر اڳواڻ محمد هاشم شيخ، عبدالوحيد شيخ ۽ امان الله قاسم آزادي جي ڏينهن جي موقعي تي منعقد تقريب ۾ ٻارن سان گڏ ورتل گروپ فوٽو

چور پريس ڪلب ۾ پيرڏان سنگهه سوڍو جي ورسي تقريب

سائين پيرڏان سنگهه سوڍو جي خدمتن ۽ ڪردار کي ڀيٽا پيش

مختلف اديبن، استادن ۽ سماجي اڳواڻن پاران سندس خدمتن کي ساراهيو ويو

چور (رپورٽ: لالجي سوڍو) ماهر تعليم سماج سڌارڪ سنڌ جي عاشق عمرڪوٽ پريس ڪلب جي باني صدر سائين پيرڏان سنگهه سوڍو جي ارڙهين ورسي جي تقريب پيرڏان سنگهه يادگار ڪاميٽي طرفان چور پريس ڪلب ۾ ملهائي وئي جنهن کي صدارتي خطاب ڪندي تعليم جي ماهر سائين تخت سنگهه سوڍو چيو ته سائين پيرڏان سنگهه جو ڪردار ٻين جي خدمت ڪرڻ سان سنسار ۾ رهجي ويندو آهي پيرڏان سنگهه هميشه انسان ذات جي خدمت ڪيائين وڇوڙي جو درد اسان جي خاندان ۾ پرچي نه سگهيو آهي ليکڪ پروفيسر عبدالرئوف سومرو چيو ته سائين پيرڏان سنگهه گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ هو سندس حياتي جي مختلف پهلوئن جي حوالي سان ڪتاب ڇپائڻ گهرجي لطيف جي پارکو ۽ ليکڪ جام اقبال انڙ چيو ته سائين پيرڏان سنگهه ڌرتي جو سچو ۽ کرو عاشق هو هن پنهنجي پوري زندگي مختلف حوالن سان انمول ڪردار ادا ڪيا تنهن ڪري اڄ سنهري لفظن سان ياد ڪيو پيو وڃي ليکڪ ۽ شاعر زوهيب آريسر چيو ته سائين پيرڏان سنگهه ماڻهن سان گڏ ماحوليات پسند انسان هو تنهن ڪري هر سال ورسي جي موقعي تي ٻوٽا لڳائڻ گهرجن نوجوان ليکڪ ۽ لوڪ ادب جو ڄاڻو مڪيش پاڻراٽي چيو ته سائين پيرڏان سنگهه جو ڪردار انمول آهي منهنجي ڪوشش آهي ته ايندڙ ورسي کان اڳ سائين جي ڪردار تي ڪتاب ڇپرايان پرنسپل مراد علي مگريو چيو ته سائين پيرڏان سنگهه پ ٽ الف اڳواڻ ۽ ڌرتي سان محبت ڪندڙ ۽ بي باڪ صحافي هو سماجي اڳواڻ ۽ استاد امين ياسين سومرو چيو ته سائين پيرڏان سنگهه اسان جو استاد هو ۽ ماڻهو هميشه ڪردار واري انسان کي ياد ڪندا آهن سماجي اڳواڻ خدابخش هاليپوٽو چيو ته سائين پيرڏان سنگهه غريب ۽ مظلوم ماڻهن جو آواز هو سائين پيرڏان جي پٽ ۽ سينئر صحافي پرٿوي سوڍو چيو ته سائين پيرڏان سنگهه والد سان گڏ منهنجو استاد محسن هو مون کي سيکاريو ته هميشه صحافت جي قلم کي سچ لاءِ استعمال ڪجان هو وڻن پکين جانورن ۽ سنڌ ڌرتي سان عشق ڪندڙ انسان هو تقريب کي پ ٽ الف اڳواڻ رتن سنگهه سوڍو، نور سنڌي، ساگر شاهد نوهڙيو، ساجن پنهور، سروپ سنگهه سوڍو، وفا درجن، زاهد نوهڙيو ۽ ٻين خطاب ڪيو آخر ۾ نوجوان راڳي ۽ ڀڳت تلوڪ چند لطيف جي وائي ۽ ٻيا قومي گيت پيش ڪري تقريب کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا

چور پريس ڪلب ۾ پيرڏان سنگهه سوڍو جي ورسي تقريب کي اڳواڻ خطاب ڪندي

منشيات فروشي جا ڪيس داخل ڪيا پيا وڃن: محڪم الدين حاجاڻو

چلگري ٿاڻي جي پوليس پاران رڻ ٻاريو ويو آهي، سخت پريشاني جو شڪار آهيان

پوليس جي مبينا زيادتين خلاف مان ايس پي آفيس ۾ به درخواست جمع ڪرائي آهي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)حيدرآباد جي ڀرپاسي واري علائقي جي ڳوٺ ميرو حاجاڻو جي رهواسي محڪم الدين حاجاڻو ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته چلگري ٿاڻي جي پوليس پاران مٿس بلاجواز منشيات فروشي جا ڪيس داخل ڪيا پيا وڃن جڏهن ته اهو سلسلو گذريل ڪيترن ئي سالن کان جاري آهي محڪم الدين حاجاڻو چيو ته مان سوزوڪي ڊرائيور طور محنت مزدوري ڪري پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان جو گذر سفر ڪندو آهيان پر ان باوجود چلگري ٿاڻي جي حد واري پوليس پاران کيس مبينا طور تي مسلسل هراسان ۽ پريشان ڪيو پيو وڃي هن چيو ته پوليس جي اهڙي مبينا رويي سبب هو سخت پريشاني ۾ مبتلا آهي ۽ ڪيترائي ڀيرا پنهنجي بيگناهي بابت لاڳاپيل اختيارين کي آگاهه ڪري چڪو آهي هن وڌيڪ چيو ته پوليس جي مبينا زيادتين خلاف هن ايس پي آفيس ۾ به درخواست جمع ڪرائي آهي پر ان باوجود کيس مبينا طور تي هراسان ڪرڻ جو سلسلو بند نه ٿيو آهي هن لاڳاپيل پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو ته سندس معاملن جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ جيڪڏهن مٿس داخل ڪيل ڪيس بي بنياد ثابت ٿين ته اهي ختم ڪري کيس انصاف فراهم ڪيو وڃي

رسول آباد ۾ پنيرا بايو ڪرڪيٽ ٽيم سوڀاري

رسول آباد رائلز ٽيم کي شڪست ڏئي شاندار سوڀ ماڻي

مهمانن کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪ ۽ ٽوپيون پڻ پارايون ويون

ڪوٽڙي ڪبير(ن ع) رسول آباد ۾ پنيرا بايو ڪرڪيٽ ٽيم رسول آباد رائلز ٽيم کي شڪست ڏئي شاندار سوڀ ماڻي ورتي. ٻنهي ٽيمن جي رانديگرن ڀرپور جوش ۽ جذبي سان راند ڪئي. راند جي شروعات کان ئي ٻنهي ٽيمن وچ ۾ سخت مقابلو ڏسڻ ۾ آيو. جڏهن ته رسول آباد رائلز ٽيم پهرين ٽاس کٽي بيٽنگ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هنن 8 اوورن ۾ 82 رنسن جو ٽارگيٽ ڏنو. جواب ۾ پنيرا بايو ٽيم 6 اوورن ۾ ٽارگيٽ پورو ڪري راند پنهنجي نالي ڪري ورتي. تقريب جو خاص مهمان شهري اتحاد صدر ۽ پريس ڪلب ڪوٽڙي محمد ڪبير جو تاحيات صدر مولابخش ٿيٻو هو. جڏهن ته اعزازي مهمان قمر الدين شر. صحافي مسرور شر. ڪامران راڄپر، عبدالجبار سهتو، محمد قاسم لاشاري، نفيس جت، عنايت سمون عرف واڇوڙن، ڪائونسلر محمد صديق راڄپر. غلام اصغر هليو ۽ استاد پنجل لاشاري هو. آخر ۾ مهمانن کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪ ۽ ٽوپيون پڻ پارايون ويون

ڪوٽڙي ڪبير رسول آباد ۾ سوڀاري ڪرڪيٽ ٽيم جو ورتل فوٽو

ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي جي صدارت هيٺ گڏجاڻي

گڏجاڻي ۾ عيد ميلاد النبي صہ جي تقريبن جي انتظامن بابت غور ويچار ڪيو ويو

جلوسن جي رستن تي ٽريفڪ جي رواني برقرار رکڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن: ڊي سي

مٺي (ڊ-ر) ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي جي صدارت هيٺ 12 ربيع الاول عيد ميلاد النبي صہ جي تقريبن جي انتظامن بابت اهم گڏجاڻي سندس آفيس ۾ ٿي، گڏجاڻي ۾ پوليس، صحت کاتي، بلدياتي ادارن، تعليم، پبلڪ هيلٿ، اوقاف، ميونسپل ۽ ٽائون ڪميٽين، سول ڊفينس، ريسڪيو 1122 جي آفيسرن، عالمن سڳورن، مذهبي اڳواڻن ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي نمائندن شرڪت ڪئي. گڏجاڻي دوران 12 ربيع الاول جي مناسبت سان منعقد ٿيندڙ محفلن، جلوسن ۽ ٻين تقريبن لاءِ سيڪيورٽي، صفائي سٿرائي، ٽريفڪ مئنيجمينٽ، بجلي ۽ روشني، طبي سهولتن سميت ٻين انتظامن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. گڏجاڻي ۾

پوري جوش، جذبي، مذهبي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو وڃي. هن چيو ته سمورن لاڳاپيل کاتن جي عملدارن جي اها ذميواري آهي ته جشن عيد ميلاد النبي صہ جي موقعي تي شهرين کي بهترين سهولتون فراهم ڪرڻ سان گڏ سمورين تقريبن لاءِ سخت حفاظتي اپاءَ ورتا وڃن. هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته 12 ربيع الاول جي سمورن پروگرامن، جلوسن ۽ محفلن جا انتظام مقرر وقت کان اڳ مڪمل ڪرڻ سان گڏ صفائي سٿرائي ۽ سيڪيورٽي جا خاص انتظام ڪيا وڃن. جڏهن ته جلوسن جي رستن تي ٽريفڪ جي رواني برقرار رکڻ لاءِ پڻ اثرائتا قدم کنيا وڃن. ڊپٽي ڪمشنر عالمن سڳورن ۽ مذهبي اڳواڻن کي پڻ اپيل ڪئي ته هو

سنڌ ايڪشن ڪميٽي جي سڏ تي 22 آگسٽ تي واڏو واهه تي جلسي جون تياريون جاري

سنڌ جي جاگرافيائي وحدت تي وار ڪرڻ لاءِ صوبن جو منصوبو جوڙيو ويو آهي: ڪامريڊ مسرور شاهه

سنڌو درياهه تي نوان ڪينال ناهي ڌاڙي هڻڻ جي رٿا ڪئي پئي وڃي، سنڌ هڪ هئي ۽ هڪ رهندي: نثار لغاري

22 آگسٽ تي ڳالهه ٿي اهو پيغام ڏينداسين ته سنڌ پرامن آهي، سنڌ سنڌين جو تاريخي وطن آهي ان سان هٿ چراند بند ڪئي وڃي

مسوڀرڳوڙي ڪامريڊ مسرور شاهه پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

مسوڀرڳوڙي(ن ع) سنڌ ايڪشن ڪميٽي جي سڏ تي 22 آگسٽ تي پونم پيٽرول پمپ قاسم آباد کان واڏو واهه تي جلسي جون تياريون جاري آهن ته ٻي طرف پورهيت مزاحمت تحريڪ جي مرڪزي صدر ڪامريڊ مسرور شاهه، مرڪزي جنرل سيڪريٽري ڪامريڊ نثار لغاري، حيدرآباد ضلعي صدر ڪامريڊ دوست علي لغاري مسوڀرڳوڙي پريس ڪلب تي ميڊيا ٽاڪ ڪندي چيو آهي ته سنڌ جي جاگرافيائي وحدت تي وار ڪرڻ لاءِ صوبن جو منصوبو جوڙيو ويو آهي ۽ سنڌو درياهه تي نوان ڪينال ناهي ڌاڙي هڻڻ جي رٿا ڪئي پئي وڃي ان حوالي سان وحدت سنڌ مارچ 22 آگسٽ تي هزارين سنڌين کي گڏ ڪري ملڪ جي حڪمرانن کي واضح پيغام ڏيڻ چاهي ٿي ته سنڌ 7 ڪروڙ سنڌين جو ناقابل ورهاست تاريخي وطن آهي، جنهن کي ٽوڙڻ وارن جا ارادا مٽي ۾ ملي ويندا هنن چيو ته سنڌ هڪ هئي ۽ هڪ رهندي، هنن چيو ته 22 آگسٽ تي ڳالهه ٿي اهو پيغام ڏينداسين ته سنڌ پرامن آهي سنڌ سنڌين جو تاريخي وطن آهي ان سان هٿ چراند بند ڪئي وڃي ۽ حڪمرانن کي ماضيءَ مان سبق حاصل ڪرڻ گهرجي

سکر ۾ واپاري غير محفوظ، ڪرياني جي دڪان مان لکين رپيا روڪ ۽ قيمتي سامان چوري

چور طارق قريشي جي دڪان مان 58 لک رپيا روڪ، 60 تولا چاندي، 19 هزار رپين جا پرائز بانڊ ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري ڪري فرار

چورين جي وارداتن جو سلسلو جاري رهڻ ۽ واردات کان پوءِ علائقي جي واپارين ۾ سخت خوف ۽ هراس پکڙجي ويو

واقعي جو فوري طور ڪيس داخل ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ چوري ٿيل سامان واپس ڪرايو وڃي: واپاري برادري

سکر(بيورو رپورٽ) سکر ۾ واپاري غير محفوظ، ڪرياني جي دڪان مان 58 لک رپيا روڪ، 60 تولا چاندي ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري خبر موجب سکر ۾ چورين جي وارداتن جو سلسلو جاري آهي گذريل ڏينهن نامعلوم چور اي سيڪشن ٿاڻي جي حدن ۾ شيخ شاهين روڊ تي واقع واپاري طارق قريشي جي ڪرياني جي دڪان مان 58 لک رپيا روڪ، 60 تولا چاندي، 19 هزار رپين جا پرائز بانڊ ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا. واردات کان پوءِ علائقي جي واپارين ۾ سخت خوف ۽ هراس پکڙجي ويو جڏهن ته متاثر واپاري پوليس کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو فوري طور ڪيس داخل ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ چوري ٿيل سامان واپس ڪرايو وڃي. واپارين پڻ وڌندڙ وارداتن تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي سکر پوليس کان اثرائتا قدم کڻڻ جو مطالبو ڪيو آهي

سنڌ جو مارڪيٽ ڪميٽي کاتو حڪومتي نااهلي سبب تباهي ڪناري تي پهچي ويو

شگر ملن طرف 200 ارب رپين جون رهتون وصول نه ٿي سگهيون، ملازم پگهارن ۽ پينشن کان محروم

مارڪيٽ ڪميٽي جي قانون ۾ تبديليون ڪري ان جي آمدني گهٽائي شهر ملن ۽ رائيس مل مالڪن کي نوازيو ويو آهي: حامد سهتو

شگر ملن ڏانهن 200 ارب رپين جون رهتون رهيل آهن پر سنڌ حڪومت شگر ملن کان رهتون وصول ڪرڻ ۾ سنجيده نه آهي

حيدرآباد(رپورٽ: اعجاز لغاري)سنڌ جو مارڪيٽ ڪميٽي کاتو حڪومتي نااهلي سبب تباهي ڪناري،شگر ملن طرف 200 ارب رپين جون رهتون وصول نه ٿيون ملازم 50 کان 80 مهينن جي پگهارن پينشن ۽ رهتن کان محروم احتجاج سنڌ جو مارڪيٽ ڪميٽي کاتو حڪومتي نااهلي ۽ بدانتظاميءَ سبب تباهي جي ڪناري تي پهچي ويو آهي سنڌ اندر 70مارڪيٽ ڪميٽين مان 66 مارڪيٽ ڪميٽيون غير فعال بڻيل آهن جڏهن ته 200حاضرسروس ۽ 700سو رٽائر ملازم 50کان80مهينن جي پگهارن ۽ پينشن کان محروم آهن ان سلسلي مارڪيٽ ڪميٽي ايمپلائيز ايسوسيئيشن سنڌ پاران مطالبن مڃڻ لاءِ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون صدر حامد علي سهتو جنرل سيڪريٽري طارق اڪبر عباسي،طفيل شيخ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي هنن چيو ته ماضي جو شاهوڪار ادارو مارڪيٽ ڪميٽي تباهي ڪناري پهچي ويو آهي مارڪيٽ ڪميٽي جي قانون ۾ تبديليون ڪري ان جي آمدني گهٽائي شهر ملن ۽ رائيس مل مالڪن کي نوازيو ويو آهي او مني گروپ جي ڪري شگر ملن ڏانهن 200ارب رپين جون رهتون رهيل آهن پر سنڌ حڪومت شگر ملن کان رهتون وصول ڪرڻ ۾ سنجيده نه آهي هنن چيو ته مارڪيٽ ڪميٽي کاتي ۾ 3000هزار ملازم هئا جنهن مان فقط 200ملازم سموري اداري ۾ بچيا آهن جڏهن 600رٽائر ملازم آهن هنن چيو ته سال جي ٻارنهن مهينن مان 5مهينا پگهار ملي ٿي 7مهينن جي پگهار بقايا ٿي وڃي ٿي جيڪو سلسلو سال 2000کان جاري آهي هنن چيو ته مارڪيٽ ڪميٽي هڪ ڪمائتو ادارو آهي جيڪو پنهنجي ڪمائي مان پگهارون ۽ پينشن ادا ڪندو رهيو آهي پر هاڻ ان اداري جا ملازم پگهار ۽ پينشن لاءِ پريشان آهن هنن پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه،صوبائي وزير زراعت کي اپيل ڪئي ته مارڪيٽ ڪميٽي جي تباهيءَ جو جلد نوٽس وٺي بچايو وڃي ۽ رٽائر ملازمن جي پينشن ۽ حاضر سروس ملازمن جون رهيل پگهارون ادا ڪيون وڃن ٻي صورت ۾ بلاول هائوس ڪراچي ۽ وڏي وزير جي گهر سامهون احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويندو جنهن جي ذميواري سنڌ حڪومت تي هوندي

انگلينڊ ۽ پاڪستان وچ ۾ پهرين ڪرڪيٽ ٽيسٽ ميچ (اڄ) کان ليڊز ۾ شروع ٿيندي

لنڊن (اي پي پي) انگلينڊ ۽ پاڪستان جي ڪرڪيٽ ٽيمن وچ ۾ 3 ميچن تي ٻڌل سيريز جي پهرين ٽيسٽ ميچ 19 آگسٽ تي هيڊنگلي ليڊز ۾ شروع ٿيندي اسپورٽس ويب سائيٽ موجب پروفيشنل ڪائونٽي ڪلب سليڪٽ اليون ۽پاڪستان جي ٽيمن وچ ۾ ان کان اڳ 3 ڏينهن واري وارم اپ ميچ پاڪستان جي ٽيم 7 وڪيٽن تان کٽي هئي انگلينڊ ۽ پاڪستان جي ڪرڪيٽ ٽيمن وچ ۾ 3 ميچن تي ٻڌل سيريز جي پهرين ٽيسٽ ميچ 19 کان 23 آگسٽ تائين هيڊنگلي ليڊز ۾ کيڏي ويندي انگلينڊ جي ٽيم جي قيادت جوروٽ ڪندو جڏهن ته پاڪستان جي ٽيم بهترين بيٽسمين بابر اعظم جي قيادت ۾ ميدان ۾ لهندي، پاڪسان جي ٽيم اڄ ڪلهه انگلينڊ جي دوري تي آهي جتي هوءَ ميزبان ٽيم خلاف پريڪٽس ميچ کان علاوه 3 ٽيسٽ ميچن جي سيريز کيڏندي 3 ڏينهن واري وارم اپ ميچ کيڏي وئي آهي، ٻنهي ٽيمن وچ ۾ سيريز جي ٻي ٽيسٽ ميچ 27 کان 31 آگسٽ تائين لارڊز ۾ کيڏي ويندي جڏهن ته ٽين ۽ آخري ٽيسٽ 9 کان 13 سيپٽمبر تائين برمنگهم ۾ کيڏي ويندي

ايم اين اي اعجاز جکراڻي احتساب عدالت سکر ۾ پيش

مير اعجاز حسين جکراڻي اڳاري ڏينهن ٻن ريفرنسز ۾ احتساب عدالت سکر ۾ پيش ٿيو

عدالت هڪ ريفرنس جي ٻڌڻي 22 سيپٽمبر ۽ ٻي 12 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي

سکر (اي پي پي)قومي اسيمبلي ۾ پيپلز پارٽي جو چيف وهپ مير اعجاز حسين جکراڻي اڳاري ڏينهن ٻن ريفرنسز ۾ احتساب عدالت سکر ۾ پيش ٿيو ساڻس گڏ ٻيا نامزد 13 جوابدار به ان موقعي تي موجود هئا. وڪيلن جي مختصر دليلن کان پوءِ احتساب عدالت هڪ ريفرنس جي ٻڌڻي 22 سيپٽمبر ۽ ٻي 12 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي

پولي ٽيڪنيڪ انسٽيٽيوٽ شڪارپور ۾ جشنِ آزادي جي شاندار تقريب

پاڪستان جي آزادي جي جدوجهد ۽ ملڪ جي ترقي ۾ نوجوانن جي ڪردار تي روشني وڌي وئي

پاڪستان اسان لاءِ هڪ عظيم نعمت آهي، آزادي لاءِ اسان جي بزرگن لازوال قربانيون ڏنيون: پرنسپال

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) شڪارپور پولي ٽيڪنيڪ انسٽيٽيوٽ ۾ پاڪستان جي 79هين جشنِ آزادي جي سلسلي ۾ هڪ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ انسٽيٽيوٽ جي پرنسپال سيد نادر شاهه سميت استادن، عملي ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب جي شروعات قومي جهنڊي کي سلامي ۽ قومي ترانو سان ڪئي وئي، جنهن ڪانپوءِ پاڪستان جي آزادي جي جدوجهد ۽ ملڪ جي ترقي ۾ نوجوانن جي ڪردار تي روشني وڌي وئي ان موقعي تي انسٽيٽيوٽ جي پرنسپال سيد نادر شاهه ۽ ٻين گڏجي جشنِ آزادي جو ڪيڪ ڪاٽيو ۽ پاڪستان جي سلامتي، خوشحالي ۽ ترقي لاءِ دعا ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي پرنسپال چيو ته پاڪستان اسان لاءِ هڪ عظيم نعمت آهي جنهن جي آزادي لاءِ اسان جي بزرگن لازوال قربانيون ڏنيون هن چيو ته ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ نوجوانن کي تعليم، فني مهارت ۽ محنت کي پنهنجو مقصد بڻائڻو پوندو هن وڌيڪ چيو ته پولي ٽيڪنيڪ انسٽيٽيوٽ جا شاگرد فني تعليم حاصل ڪري ملڪ جي صنعتي ۽ معاشي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. شاگردن کي گهرجي ته هو پنهنجي تعليم سان گڏ نظم و ضبط، حب الوطني ۽ ذميواري جو جذبو اجاگر ڪن تقريب جي پڄاڻي تي پاڪستان جي سلامتي، استحڪام ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعا گهري وئي جڏهن ته شرڪت ڪندڙن پاڪستان زنده باد جا نعرا هڻي جشنِ آزادي کي ڀرپور نموني ملهايو

عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل جي اگهن ۾ اضافو، سون ۽ چاندي ۾ گهٽتائي رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي)عالمي مارڪيٽ ۾ اڳاري ڏينهن ڪچي تيل جي اگهن ۾ اضافو جڏهن ته سون ۽ چاندي جي اگهن ۾ گهٽتائي جو رجحان رهيو بلوم برگ جي رپورٽ موجب ڪموڊٽي مارڪيٽ ۾ ڪاروباري سرگرمين دوران ويسٽ ٽيڪساس انٽر ميڊيئيٽ جا سيپٽمبر لاءِ سودا 0.59 ڊالر جي اضافي سان 85.09 ڊالرز في بيرل ۽ برينٽ نارٿ سي ڪروڊ جي آڪٽوبر ۾ رسد جو معاهدو 0.45 ڊالر جي اضافي سان 91.32 ڊالرز في بيرل ۾ طئي ٿيو سون جو اگهه 18.20 ڊالرز جي گهٽتائي سان 4455.50 ڊالر في اونس ۽ چاندي جو اگهه 0.86 ڊالر گهٽجي 65.38 ڊالر في اونس تي اچي ويو جنسن جي قيمتن ۾ اضافو رڪارڊ ٿيو ۽ مڪئي جا ڊسمبر لاءِ سودا 1.75 ڊالر مان وڌي 491.25 ڊالر في بشل ۽ ڪڻڪ جو ڊسمبر لاءِ سودو 0.50 ڊالر جي اضافي سان 689.75 ڊالر في بشل ۾ طئي ٿيو

جشنِ آزادي جي موقعي تي واءِ ٽو اسڪول هڪ ڀيرو ٻيهر نمايان

شاگردن طرفان وطنِ عزيز لاءِ شجرڪاري مهم جي صورت ۾ هڪ بهترين ۽ پائيدار تحفو

وڻ زمين جو حقيقي سينگار ۽ اسان جي ماحول جا بهترين دوست آهن: ملڪ رياض حامد/ميڊم بشرا

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان جي جشن آزادي جي موقعي تي واءِ ٽو اسڪول هڪ ڀيرو ٻيهر نمايان ڪردار ادا ڪيو. هن موقعي تي اسڪول انتظاميا، استادن ۽ شاگردن طرفان وطنِ عزيز لاءِ شجرڪاري مهم جي صورت ۾ هڪ بهترين ۽ پائيدار تحفو پيش ڪيو ويو. مهم دوران 60 کان وڌيڪ ٻوٽا پوکيا ويا. شجرڪاري مهم دوران اسڪول جي شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ غير معمولي جوش، جذبو ۽ لگن نظر آئي. ٻارن پنهنجي هٿن سان ٻوٽا پوکي نه رڳو ماحول دوست شهري هجڻ جو ثبوت ڏنو پر ”سرسبز سکر ۽ سرسبز پاڪستان“ جي عزم کي به تازو ڪيو ان موقعي تي قومي ترانو پيش ڪيو ويو ۽ ”پاڪستان زنده آباد، پاڪ فوج زنده آباد“ جا نعرا هنيا ويا. تقريب کي خطاب ڪندي واءِ ٽو اسڪول جي ايڊمنسٽريٽر ملڪ رياض حامد ۽ پرنسپال ميڊم بشرا شجرڪاري جي اهميت تي تفصيلي روشني وڌي. هنن چيو ته وڻ زمين جو حقيقي سينگار ۽ اسان جي ماحول جا بهترين دوست آهن نصابي تعليم سان گڏ ٻارن کي ماحول جي حفاظت ۽ شجرڪاري جهڙين مثبت غير نصابي سرگرمين سان جوڙڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. جشنِ آزادي پاڪستان جي هن پرمسرت موقعي تي ملڪ کي سرسبز ۽ شاداب بڻائڻ جي ڪوشش ئي وطن عزيز لاءِ سڀ کان بهترين ۽ يادگار تحفو آهي. تقريب جي پڄاڻي تي ملڪ ۽ قوم جي سلامتي، ترقي ۽ سکر کي وڌيڪ خوبصورت، سرسبز ۽ شاداب بڻائڻ لاءِ خاص دعائون پڻ گهريون ويون



سکر واءِ ٽو ڪي اسڪول ۾ جشن آزادي جي موقعي تي ٻوٽا لڳايا پيا وڃن

هلندڙ سال جنوري کان جولاءِ تائين چين جي قومي معيشت مجموعي طورتي مستحڪم رهي : رپورٽ

بيجنگ (اي پي پي) هلندڙ سال جنوري کان جولاءِ تائين چين جي قومي معيشت مجموعي طورتي مستحڪم رهي . پرڏيهي ميڊيا مطابق چين جي رياستي ڪائونسل جي اطلاعات واري آفيس قومي انگن اکرن بابت ٻڌايو ته جنوري کان جولاءِ تائين وڏي پيماني تي صنعتي پيداوار ۾ هر سال 5.3 سيڪڙو اضافو ٿيو جڏهن ته خدمتن جي شعبي جي پيداواري سرگرمين جي شرح 4.7 سيڪڙو وڌي وئي . شين ۽ خدمتن جي مجموعي خريد ۽ وڪرو 2.6 سيڪڙو اضافو رڪارڊ ڪيو ويو . ٻهراڙي جي گهرن جي سيڙپڪاري کي ڪڍي ڪري قومي سطح تي مقرر اثاثن ۾ سيڙپڪاري260 ڪرب 32 ارب ۽ 60 ڪروڙ يوآن رهي . جيڪا گذريل سال ان مدي جي ڀيٽ ۾ 6.7 سيڪڙو گهٽ آهي . پر ملڪيتن بابت مصنوعات ۾ سيڙپڪاري ۾ 9.1 سيڪڙو اضافو ٿيو . جنوري کان جولاءِ تائين شين جي آمدني واپار ۽ روانگي واپار جو مجموعي ڳاڻيٽو 301 ڪرب 26 ارب ۽ 40 ارب يوآن رهيو جيڪو ساليانو بنيادن تي 17.3 سيڪڙو اضافو آهي . ان دوران روانگي واپار 174 ڪرب ۽ 40 ارب يوآن رهيو، جنهن ۾ 14 سيڪڙو اضافو ٿيو جڏهن ته روانگي واپار 126 ڪرب 86 ارب ۽ 40 ڪروڙ يوآن رهيو جيڪو 22 سيڪڙو وڌيڪ آهي . بيلٽ

دڙو جي واپاري ۽ شهري تي چرس جو ڪوڙو ڪيس داخل ٿيڻ وارو معاملو

دڙي ٿاڻي جي اڳوڻي ايس ايڇ او خلاف ڪيس داخل، فرار گرفتاري نه ٿي سگهي

انسپيڪٽر عبدالمجيد چڪو جي فرياد تي دڙي ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو

دڙو (ن ع) دڙو جي واپاري ۽ شهري تي چرس جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪندڙ دڙي ٿاڻي جي اڳوڻي ايس ايڇ او خلاف ڪيس داخل، ايس ايڇ او فرار گرفتاري نه ٿي سگهي، تفصيل موجب دڙي ٿاڻي جي اڳوڻي ايس ايڇ او انسپيڪٽر ذوالفقار علي شر خلاف اختيارين جو ناجائز استعمال ڪرڻ جي الزام هيٺ دڙو ٿاڻي جي موجوده ايس ايڇ او انسپيڪٽر عبدالمجيد چڪو جي فرياد تي دڙي ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج سجاول جي عدالت جي حڪم تي اڳوڻي ايس ايڇ او انسپيڪٽر ذوالفقار شر خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو ذريعن موجب دڙو ٿاڻي تي ڪيس داخل ٿيڻ بعد ايس ايڇ او ذوالفقار علي شر روپوش ٿي ويو آهي. جڏهن ته سندس گرفتاري عمل ۾ اچي نه سگهي آهي اڳوڻو ايس ايڇ او ذوالفقار شر ڪجهه مهينا اڳ دڙي شهر جي ڪنفيڪشنري جي واپاري حاجي غلام مصطفي سومرو کي دڪان تان گرفتار ڪرڻ بعد مٿس چرس رکڻ جو ڪيس داخل ڪيو ويو هو فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج سجاول جي عدالت سي سي ٽي وي فوٽيجز جي آڌار تي واپاري مٿان داخل ڪيس کي ڪوڙو قرار ڏيندي واپاري حاجي غلام مصطفي سومرو کي باعزت بري ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو دڙو جي شهري ۽ واپاري غلام مصطفي سومرو مٿان چرس رکڻ جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ واري اهم ڪيس جي پيروي سنڌ هائي ڪورٽ جي ناميواري وڪيل اعجاز جمالي ڪئي